سنڌي جي کاڻي

سيد جي زباني

جي ايم سيد


سنڌ جي کهاڙي سيد جي زباني



چونڊ تقريرون

۽

بيان




نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچيءَ وٽ محفوظ آهن

تعداد: هڪ هزار]

[چاپو پهريون



مارچ
۱۹۷۵ع

قيمت:
۱۸.۰۰ روپيا
اٺ رپيه

هي ڪتاب نئين سنڌ پبليڪيشن طرفان، نئين سنڌ پريس،
ابراهيم منزل، آءِ ـ آءِ ـ چندريگر روڊ، ڪراچيءَ مان ڇپرائي،
پبليڪيشن جي آفيس مان پڌرو ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جي. ايم. سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

۱- تعارف ۵

۲- الڪشن جي موقع تي ريڊيو تهان نشر ڪيل تقرير ۷
(نومبر ۱۹۷۰ع ڪراچي)

۳- ۶۹ سالگره جي موقع تي ڪيل تقرير ۲۱
(۱۷ جنوري ۱۹۷۲ع سن)

۴- ۴ مارچ جي سالگره جي موقعي تي بسنت هال ۾ ڪيل تقرير ۳۱
(۴ مارچ ۱۹۷۲ع حيدرآباد)

۵- سنڌ جي گشت تي روانو ٿيڻ وقت ڏنل بيان ۴۱
(۳۱ جولاءِ ۱۹۷۲ع ڪراچي)

۶- جشن لطيف جي موقعي تي ميرپوربٹوري ۾ ڪيل تقرير ۴۷
(۱۴ مئي ۱۹۷۲ع ميرپوربٹورو)

۷- گشت ۾ ميرپور بٹوري ۾ ڪيل تقرير ۵۲
(۱ آگسٽ ۱۹۷۲ع ميرپوربٹورو)

۸- گشت ۾ حيدرآباد ۾ پرگڙي هائوس ۾ ڪيل تقرير ۶۱
(۳ آگسٽ ۱۹۷۲ع حيدرآباد)

۹- ۴ مارچ جي سالگره تي هارون ڪاليج ۾ ڪيل تقرير ۷۰
(۴ مارچ ۱۹۷۳ع ڪراچي)

۱۰- ۴ مارچ جي سالگره تي سنڌي مسلم هاءِ اسڪول هاسٽل جي موقع تي ڪيل تقرير ۷۱
(۴ مارچ ۱۹۷۳ع حيدرآباد)

۱۱- سنڌي شام سنڌ يونيورسٽي جي موقع جي موقعي تي ڪيل تقرير ۸۱
(۳۱ مارچ ۱۹۷۳ع سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس

۱۲- سپيريئر سائنس ڪاليج خيرپورميرس جي موقع تي ڪيل تقرير ۹۱
(۲۰ اپريل ۱۹۷۳ع خيرپورميرس)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعارف

هن ڪتاب ۾ جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه عرف جي- ايم- سيد جي تازين ڪيل تقريرن ۽ بيانن جو مجموعو ڏنل آهي.

شاه صاحب جي نالي کان ڪير واقف نہ آهي. ليڪن جنهن صورت ۾ هي مضمون آينده تاريخ جو حصو بنجي انهن نوجوانن اڳيان پيش ٿيندا جي شايد صاحب جي سوانح حيات کان پوريءَ طرح واقف نہ هجن. ان ڪري مختصر طور سندس زندگيءَ جو احوال ناظرين جي واقفيت لاءِ پيش ڪجي ٿو.

سيد صاحب مٽياري سيدن جي خاندان مان سنائي سيدن جي درويش شاه حيدر عليہ رحمت جو ۱۴ پيڑهي سجاده نشين آهي.

پاڻ ۱۷ جنوري ۱۹۰۴ع تي جائو هو. پاڻ اڃان ۱۶ مهينن جو هو تہ سندس والد شهيد ٿي ويو. ساري ڪٽنب ۾ پيو ڪو مرد نہ هئڻ ڪري هن کي تعليم لاءِ باهر موڪلي نہ سگهيا ۽ سندس تعليم اڏوري رهجي وئي تنهنڪري صرف سنڌي، فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ مان ابتدائي واقفيت حاصل ٿيس.

پاڻ ۱۹۲۰ع کان پهريون خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪ ۾ شامل ٿي سياست ۾ گهڙيو پوءِ ۱۹۲۵ع کان ڪراچي لوڪلبورڊ، ميونسپل ڪراچي، پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ادارن ۾ ڪم ڪرڻ سان انتظامي تربيت حاصل ڪئي.

۱۹۳۷ع کان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر طور مڪمل بهرو ورتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۴۰ع ۾ ڪجھ عرصي لاءِ وزير تعليم ۽ ٿي رهيو.

پاڻ خلافت، ڪانگريس، مسلم ليگ، خاڪسار، اتحاد پارٽي، نيشنل عوامي پارٽي، متحده محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪن ۾ رهي سياسي ڪم ڪيو آهي.

پاڻ سياستدان هڻڻ جي باوجود گهڻن ڪتابن جو مصنف به آهي. پاڻ ۴۰ کن ڪتاب لکيا آهن جن مان ڪيترا ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪيترا ڇپائي هيٺ آهن.

پاڻ سياست عمل جو هوٽلڪ نه آهي بلڪ سندس سياست جو بنياد ڪن نظرين ۽ اصولن تي پي رهيو آهي. جنهنڪري سنڌ ن اڪثر زندگي مخالفت ۽ مشڪلاتن ۾ پئي گذري آهي.

هن وقت تائين اٽڪل ساڍا ۱۳ سال جيل ۽ نظربنديءَ جون صعوبتون ڪاٽي چڪو آهي. اڃان تائين نظربند آهي. سندس ڏوهہ سنڌين کي جداگانہ قوم سمجهي ان جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ آهي.

مطلب تہ لوڪ لاهوارو وهي، هي اوپارو وهي رهيو آهي.

خدا سائين تندرستي ۽ توفيق ڏئيس.

محمد عثمان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي- ايم- سيد جي نشري تقرير

هيءَ تقرير گذريل اليڪشن کان اڳ، نومبر ۱۹۷۰ع ۾ سائين جي- ايم- سيد پارٽي پروگرام جي وضاحت لاءِ سنڌ متحده محاذ جي صدر جي حيثيت ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان پيش ڪئي هئي.

سنڌ متحده محاذ جنهن جو آءٌ صدر آهيان هڪ سياسي تنظيم آهي جنهن جا اغراض ۽ مقاصد هيٺين ريت آهن.

(۱) پاڪستان جو استحڪام، سلامتي ۽ خوشحالي.

(۲) پاڪستان ۾ جمهوري وفاقي حڪومت جو قيام جنهن جي صوبن کي ۱۹۴۰ع جي قرارداد پاڪستان مطابق وفاقي يونٽن جي حيثيت سان خود مختاري حاصل هجي.

(۳) پاڪستان جي عوام خاص ڪري اهل سنڌ جي معاشي، سياسي ۽ سماجي حقن جو تحفظ ۽ سنڌن معاشي، سياسي، ثقافتي ۽ لساني حقن جي بحالي ۽ فروغ.

(۴) مساوات، اظهار خيال جي آزادي ۽ انجمن سازي جي بنياد تي سڀني شهرين جي بنيادي حقن جي حمايت.

(۵) پارٽي جي منشور ۽ انهن پروگرامن مطابق جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت بوقت جاري ٿيندا رهندا عوام جي سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي اقتدار کي فروغ ڏين.

پاويهن سالن جا تجربا

ان ۾ کو شڪ نه آهي ته سنڌ متحده محاذ جون سرگرميون صوبي سنڌ تائين محدود آهن ليڪن ان جي عمل جو دائرو ملڪ گير آهي. سنڌ پاڪستان جو ناقابل تنسيخ حصو آهي سنڌ جي عوام جي پلائڻي لاءِ جيڪو ڪم سرانجام ڏنو ويندو اهو مجموعي طور ساري ملڪ جي ترقي ۽ پلائي ۾ مددگار ثابت ٿي رهندو. انهي اصولن کي مڪمل طرح پيش نظر رکندي پارٽي جا هي اغراض ۽ مقاصد ترتيب ڏنا ويا آهن، جيڪي سون اجهو اوهان جي اڳيان، مٿي بيان ڪيا آهن.

هيءَ حقيقت انهيءَ امر جو پهريون دليل آهي ته اسان پنهنجي ميدان عمل کي علاقائي سرگرمين تائين انڪري محدود نه رکيو آهي ته اسان جي ارادن ته ڪنهن به قسم جي علاقائي عصبيت کي ڪو دخل آهي بلڪ اسان اهو اهم ڪم عظيم تر مقصدن ۽ بعض اڻ تڻ مجبورين جي سبب ڪيو آهي. جيڪي بدقسمتيءَ سان اسان جي پاران غلط فهمين ۽ سخت نڪته چينين جو باعث ٿيون آهن.

سڀ کان اول آءٌ اوهان کي اهي مجبوريون ۽ حالتون ٻڌايان ٿو جنهن جي بناء تي اسان پنهنجون سرگرميون سنڌ جي علاقي تائين محدود رکيون آهن. هي چوڻ غلط نه ٿيندو ته گذريل پاويهن ورهين جي تجربن مان هيءَ ڪالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته اهي سياسي جماعتون جيڪي پوري ملڪ لاءِ پروگرام ترتيب ڏيندڙيون آهن سي اهو ڪم نه ٿيون ڪري سگهن ۽ انهن جون پاڙون مختلف علاقن جي عوام تائين پهچي ڪونه ٿيون سگهن. اهي سياسي پارٽيون صوبن ۾ رهڻ وارن ماڻهن جي احساسن ۽ خواهشن جو ڪوبه اندازو ڪري نه ٿيون سگهن. چاڪاڻ ته عوام جي پهچ انهن بلند بالا افراد تائين ٿي نٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي. انهن جماعتن جي خيال جو دائرو ايڏو تہ وسيع هوندو آهي جو اهي ڪنهن بہ مسئلي کي پوري ڏيان سان جاچي نٿيون سگهن. اهـي جماعتون پنهنجي ڪلهن تـي ڪارروائي جي حـد تائين ڪي ذميواريون تہ ڪٽي سگهن ٿيون ليڪن موثر طور ڪنهن بہ ذميداري جي اهل نہ ٿيون رهن. پوري ملڪ تي پنهنجو تسلط ۽ اثر نفوذ قائم ڪرڻ جي فڪر ۾ هو پنهنجون صلاحيتون ضايع ڪندي ڪنهن مخصوص صوبي جي ماڻهن سان ڪوبہ رابطو قائم ڪري نہ ٿيون سگهن، جنهن جو نتيجو هي نڪري ٿو تہ ڪنهن اهـم آزمائشي گهڙيءَ ۾ اهي جماعتون مختلف صوبن جـي ماڻهن تي پنهنجو اثـر وجهي صوبن جي پلائي جو ڪوبہ ڪم سرانجام ڏيڻ جي قابل نہ ٿيون رهن. آهي هوا ۾ لڙڪيل رهن ٿيون، البت ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي زنده هڻڻ جـو ثبوت ڏيـڻ لاءِ غير سياسي ۽ نامناسب طريقا اختيار ڪنديون آهـن. اهـي پارٽيون ڪڏهن حڪومت جي نگاهہ ڪرم جـون طلبگار رهن ٿيون تہ ڪڏهن نوڪر شاهي سان سازباز ڪري اليڪشن ۾ ڏانڊ لي ڪـان ڪم وٺنديون رهـن ٿيون. ۽ انهيءَ ڏانڊلي جـي معاوضي ۾ نوڪر شاهي کي ملڪ ۾ قرلٽ جي عـام اجازت ڏئي ڇڏين ٿيون. بعض اوقات سياسي پارٽيون ننڍن مسئلن کي اڳيان آڻـي عـوام جي جذبن کي اڀارينديون آهن ۽ انهن کي هڪ ٻئي جي خلاف ڀڙڪائينديون آهن. هـي ڪڏهن عـوام کي نهايت حسين مگر ڪوڙا وعدا ڏئي بي حساب سبز باغ ڏيکارين ٿيون، هي سمجهن ٿيون تہ سندن اهي وعدا ڪڏهن بہ پورا ڪين ٿيندا، ڪڏهن ڪڏهن مايوسي جي عالم ۾ يا هوس کان مغلوب ٿـي اهي جماعتون پنهنجن مخالفن تي ڪوڙا الزام مڙهيندیون آهن ۽ انهن تي دشنام طرازي ۾ ڪنديون آهن جنهن کان سياسي ماحول بگڙي پوندو آهي. انهيءَ مان باهرين ملڪن ۾ اهـو تاثر قائم ٿيندو آهي تہ پاڪستان جي سياسي زندگي محض هڪ تماشو آهي، ۽ پاڪستان ۾ محب وطن افراد جي بـ نسبت وطن جي غدارن جو تعداد وڌيڪ آهي انهن افسوس ناڪ ۽ اڻ وٺندڙ حالتن جي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ متحده محاذ جي ماڻهن محسوس ڪيو ته اهي سموريون حالتون اهڙين سياسي جماعتن جون پيدا ڪيل آهن جيڪي عوام ۾ ڪابه اهميت نه ٽيون رکن ، ٻين لفظن ۾ سياسي جماعتون جيڪي ظاهر ۾ ته ڪل پاڪستان پروگرام رکن ٿيون، ليڪن افسوس جو انهن جون پاڙون پاڪستان جي سڄي حصن ۾ واقعي موجود نه آهن اهي سياسي جماعتون انهي اصول تي قائم ڪيل هيون ته جڳهه جي چٽ ڀهريان وڌي وڃي ۽ ان جو بنياد پوءِ وڌو وڃي.

سياسي زندگي ۾ عدم استحڪام

پاڪستان جي سياسي زندگي جو اهوئي افسوس ناڪ رجحان هو جنهن جي ڪري گذريل ڏاويهن سالن ۾ پاڪستان جي سياسي زندگي ۾ استحڪام پيدا ٿي نه سگهيو آهي، اهو رجحان نه هجي ها ته موجوده سنگيني ته نه هجي ها ۽ ٻيا مسئلا به ايڏا پيچيده نه ٿي پون ها.

آخر اهو ڪهڙو سبب آهي جو پورن ڏاويهن ورهين کان آزادي جي نعمت سان مالا مال هوندي ۽ اسان اڄ به ڀاڻ کي ٻرندڙ جبل جي ڪنڊيءَ تي وينل محسوس ٿيا ڪريون هيل تائين ڪوبه آئين قائم رهي نه سگهيو نه وري ڪو مسئلو حل ٿيو آهي ۽ نه ئي ڪا پائدار عوامي حڪومت وجود ۾ اچي سگهي آهي.

پاڪستان جي قيام وارن مقصدن کي ڪنهن به ريت پورو نه ڪيو ويو آهي، اڄ سموري ملڪ ۾ چئني پاسن ذهني طوائف الملوڪي جو دور آهي ته ڪڏهن ڪڏهن جسماني طوائف الملوڪي ۾ منهن ڪڍندي رهي ٿي. عوام جو اتحاد لوڏڻ ۾ اڃي ڪو آهي قومي يڪجهتي جو به ڪو مقصد پورو ٿيل نٿو ڏسجي. جنهن جو سبب اهوئي آهي ته اسان جو نقطه نظر ۽ اسان جو طريقه ڪار غلط پئي رهيو آهي. اسان پنهنجي مسئلن کي سمجهڻ جي قطعي ڪوشش نه ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اڪثر محسوس ڪندو آهيان تہ جڏھن ڪي اسان ڪنھن ٻي سياري ڪان زمين تي لھي اونداھين ۾ ٽپڪي رھيا آھيون ۽ اسان کي اھو ٻڌ معلوم نہ ٿي سگھيو آھي تہ انھيءَ نئين جڳھ، جي طور طريقن کي ڪھڙيءَ ريت پنھنجو بڻايو وڃي. ان جو جواب ھن ڪان سواءِ ٻيو ٿي نٿو سگھي تہ سڀڪجھ، اسان جي پيدا ڪيل گڙبڙ جو نتيجو آھي. منھنجي خيال ۾ جيڪڏھن ھاڻ اسان حالتن کي سڌارڻ چاھيون ٿا تہ ان لاءِ اسان کي ماضي جي تجربن مان سبق وٺڻو پوندو، ان لاءِ اسان کي بلڪل ابتدا کان پنھنجي ڪر جي شروعات ڪرڻي پوندي. اھي اسباب آھن جن جي بناءَ تي اسان پنھنجي سرگرمين جو آغاز سنڌ کان ڪيو آھي. ھي اسان جي انڪساري ۽ حقيقت پسندي جو ثبوت آھي نہ اسان جي صوبائي عصبيت جو.

ھن باري ۾ آءُ ٻ عرض ڪندس تہ اھو بلڪل صحيح آھي جيئن ڪي مخالف اسان تي الزام مڙھي رھيا آھن تہ اسان کي صرف سنڌ سان محبت آھي. اسان جا مخالف انھيءَ الزام مڙھڻ وقت ٻہ، خاص ڪالھيون وساري ٿا ڇڏين جن مان پھرين ھي آھي تہ سنڌ بھرحال پاڪستان جو ھڪ حصو آھي ۽ ٻي اھا تہ سنڌ سان اسان جي محبت پاڪستان سان متضادم نٿي ٿئي. ھي قدرتي ڪالھ آھي تہ ھر شخص کي انھي سر زمين سان جنھن تي ھو پيدا ٿيو آھي ھڪ خاص اڪير ٿئي ٿي جنھن جو اھو مطلب ناھي تہ ھن جي دل ۾ ساري ملڪ لاءِ ڪابہ محبت ڪانہ آھي.

ملڪ سان محبت

اسڪاٽ لينڊ جا رھاڪو اسڪاٽ لينڊ سان محبت ڪرڻ ۾ مشھور آھن مگر انھن جي اھا محبت برطانيہ لاءِ سر جي بازي لڳائڻ ۾ رڪاوٽ نٿي ٻڌجي. علائقي جي محبت ۽ ملڪ جي محبت ھڪ ٻي جو ضد ٿي نہ ٿيون سگھن ۽ ٻنھي جي وچ ۾ مڪمل مصالحت ضروري آھي، حقيقت ۾ ٻئي ھڪ ٻي کي تقويت بخشن ٿيون انسان جي دل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا جو عطيو آهي اها مختلف محبتن جي متحمل ٿي سگهي ٿي ، مثال طور انسان جي دل ۾ پيءُ ماءُ ۽ پاڻ لاءِ هڪ ٻي محبت ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح دل ۾ خوشحال زندگي بسر ڪرڻ جي تمنا به هوندي آهي. انهيءَ نسبت سان آءٌ ائين چوان ٿو ته سنڌ سان اسان جي محبت رکڻ سبب ساري ملڪ جي محبت ۾ ڪابه ڪمي واقع ٿي نٿي سگهي. ان ڪري ڪنهن کي به اسان جي وطن دوستي تي ڪو شڪ نه ڪرڻ کپي. مون اڪثر اهو سوچيو آهي ۽ تاريخ ڪنهن ڏينهن انهيءَ جو ثبوت به مهيا ڪري رهندي ته آهي تنگ نظر افراد جيڪي پاڪستان ۽ ان جي صوبن کي هڪ ٻي جي پيٽ ۾ ٻيهارين ٿا اهي هن ملڪ سان ڪابه خيرخواهي نٿا ڪن، جنهن ڏينهن ڪان انهن مرڪز ۽ صوبن درميان نفرت جو بج پوکڻ شروع ڪيو ان ڏينهن کان مرڪز جي استحڪام ۽ مقبوليت کي وڏائڻ ۾ هنن ڪوبه حصو نه ورتو.

اڄ مان اوهان کان پڇان ٿو ته اهو ڪيئن ٿيو ته اسان کي صوبائي خودمختاري جي نام نهاد خطري کان مرڪز کي محفوظ رکڻ جون خاص تدبيرون اختيار ڪرڻيون پيون. ڇا ان جو سبب اهوئي هو ته اسان غلط وڪالت ڪئي جنهن ڪان مرڪز جي خلاف شديد ردعمل جنم ورتو. هتي هي به عرض ڪجي ٿو ته ان ردعمل جي شدت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سنڌ متحده محاذ درمياني رستو اختيار ڪيو. يعني ان جو مطالبو آهي ته اهي صوبا جن ۾ واقعي پاڪستان جو عوام رهي ٿو تن کي گهٽي کان گهٽي خود مختاري ڏني وڃي. جنهن جي وضاحت شيخ مجيب الرحمان جي ڇهن نڪتن واري پروگرام ۾ سڀني ۽ مناسب نموني سان ڪئي وئي آهي ته مرڪز کي ايترا ڪافي اختيار ڏنا وڃن جن جي مدد سان هو بين الاقوامي تعلقات قائم رکي سگهي. ۽ امن توڙي جنگ جي زماني ۾ دفاعي ذميدارين سان منهن ڏئي سگهي، اسان جي جماعت جي انهي نڪتي نظر جو بنياد انهي فلسفي تي مبني آهي ته خودمختار ۽ مطمئن صوبن جو عوام ڪنهن ڪاغذي اقتدار جي برعڪس مرڪز لاءِ زيادہ استحڪام جو باعث

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا، اها ڳالهه ڪاغذي اختيارات جي تنظيم جي معاملي ۾ مرڪز ۽ صوبن درميان مڪمل تصادم جي مترادف آهي.

اصل ۾ حقيقي اقتدار اهو آهي جيڪو عوام جي وفاداري سان حاصل ٿئي ٿو، ۽ اهو اقتدار عوام ۾ طمانيت جو مڪمل احساس قائم ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ ڪنهن اعتماد ڪان سواءِ استوار ٿي نٿو سگهي ته آزادي جون زياده ڪان زياده برڪتون انهن کي سونپيون ويون آهن، هن سلسلي ۾ آءٌ وري به چوندس ته سنڌ متحده محاذ، ماضيءَ ڪان رهنمائي حاصل ڪئي آهي. گذريل پاويهن سالن جي عرصي ۾ مرڪز کي لامحدود اختيارات حاصل ٿيندي رهيا آهن ليڪن ڇا ان مان ڪوبه قومي استحڪام پيدا ٿي سگهيو آهي؟ يا ماٿهن درميان قومي يڪجهتي جو ڪو شعور اڀيو آهي. جيڪڏهن نه ته ان باري ۾ نئين انداز سان سوچڻ جي ضرورت نه آهي؟

اسانکي يقين آهي ته اسان ائين ٿي ڪيو آهي ۽ اسان محسوس ٿا ڪريون ته ائين ٿي ڪرڻ سان اسان صحيح طرف ڏانهن قدم کنيو آهي. مرڪز کي ان جا جائز حق ۽ صوبن کي انهن جا جائز حقوق هر حالت ۾ ملڻ گهرجن.

مسئلا نظرانداز ڪري نٿا سگهجن:

هيءَ ڳالهه لاهور ۱۹۴۰ع جي قرارداد پاڪستان جو روح ۽ اسانجي حالتن جي عين مطابق آهي ته پاڪستان واضح طور انهن حصن تي مشتمل آهي جن جي پنهنجي زبان، تاريخ ثقافت، روايت ۽ اقتصادي سياسي مفاد آهن اها حقيقت انڪري به تسليم ٿيل آهي ته اسان هميشه ملڪ ۾ وفاقي طرز حڪومت قائم ڪرڻ جي باري ۾ سوچيندا رهيا آهيون. ايوب خان جي دور ۾ وحداني يا نيم وحداني طرز حڪومت قائم ڪرڻ جون سيئي ڪوششون اهڙيون هيون، جن جو تباهه ڪندڙ نتيجو ظاهر ٿيو. اسين جيڪي سنڌ متحده محاذ سان تعلق رکون ٿا، اهو اعتراف ڪيا ڪريون ته اسان جو مقصد اهو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته پاڪستان جي مختلف حصن کي هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو آندو وڃي ۽ انهن ۾ ايڏو اتحاد قائم ڪيو وڃي جو هو مٽين سطح تي هڪ متحده قوم بڻجي سگهن. ليڪن اهو عمل ۾ تدريج ۽ رضاڪارانه طور، سواءِ ڪنهن دٻاءُ جي ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. چاڪاڻ ته جتي به ڪنهن مجبوري يا فريب جو دخل هوندو اتي ڪنهن باهمي رضامندي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. سمجهاڻي سان مناسب حالتن ۽ آماد گي جو جذبو پيدا ڪرڻ کان سواءِ صرف انساني حقوق کي يلغار يا جسماني دٻاءُ سان صدين جي پراڻي تاريخ ۽ روايتن کي ختم ڪري نٿو سگهجي. اسانکي نهايت هوشمنديءَ جو ثبوت ڏيڻو پوندو، اسانکي اقتدار جي نشي ۾ ايڏو مست نه ٿيڻ کپي جو اسان زندگي جي بنيادي حقن کي فراموش ڪري ويهون.

بهرحال اسان ويهين صدي ۾ پيا رهون ۽ اسانکي ويهين صدي جا مسئلا حل ڪرڻا آهن، هن کان انسان سيڪان وڌو جيڪو سبق سکيو آهي سو هي ته ڏنڊي جي زور سان حڪومت زياده عرصي تائين هلي نٿي سگهي، ويهين صدي جو انسان چاهي ٿو ته انکي پيار ۽ محبت سان سمجهايو وڃي. ان کي دل شڪسته ۽ مايوس ڪري ڇڏڻ کان بهتر آهي ته پاڻ سان ملايو وڃي ۽ کيس نظرانداز يا تباهه نه ڪيو وڃي. توهان کڏهن ۽ اسان کي هميشه لاءِ هيسائي نٿا سگهو.

جيستائين آئين سازي جو تعلق آهي اسان ان ۾ مڪمل طور پنهنجي وسيلن جي حد تائين تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. جيئن ان ڳالهه جو يقين ٿي سگهي ته قومي سطح تي غور فڪر ڪرڻ سان بهتر آئين تربيت ڏئي سگهجي ٿو. هن باري ۾ اها ڳالهه انتهائي شرمناڪ آهي ته پاويهن ورهين گذرڻ کانپوءِ به ملڪ ۾ کوبه آئين نه تيار ٿي سگهيو آهي، يا هي جيڪو ائين هجي اهو اهڙو ته نازڪ ۽ ڪمزور هجي جو ان کي کوبه موقعپرست منسوخ ڪري اقتدار تي قبضو جمائي، هاڻ اها صورتحال ختم ٿيڻ کپي ۽ ته اسان هڪ پائدار، جامع آئين چاهيون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمهوري دستور جي تشڪيل:

ڪي ماڻهو اهو پڇڻ گهرندا ته اسان جي نقطه نظر کان ڪهڙي قسم جو دستور ملڪ لاءِ هاڻ زياده اطمينان بخش ٿي سگهي ٿو. جيئن اسان جي اغراض ۽ مقاصد مان ظاهر آهي ته اسان هڪ مڪمل جمهوري دستور چاهيون ٿا جنهن ۾ بالغ راءِ دهي جي بنياد تي مستحڪم پارلياماني حڪومت جي ضمانت ڏني وڃي ان کان علاوه آئين سازي لاءِ آڻڻ پنهنجي پارٽي جي بعض نظرياتي نڪتن جي وضاحت به ضروري سمجهان ٿو.

اسان انهيءَ ڳالهه تي يقين رکون ٿا ته دستور جي عام خاڪي جو بنياد انهن اصولن مطابق هڻڻ گهجي جيڪي قائداعظم ۱۱ آگسٽ ۱۹۴۷ع ڏاري پهرين دستور ساز اسيمبلي ۾ پنهنجي تقرير جي دوران بيان ڪيا هئا. اسان سمجهون ٿا ته انهن اصولن کان انحراف ڪرڻ پاڪستان جي مفادات کي نقصان پهچائڻ برابر ٿيندو اسان قائداعظم کي باباءِ قوم چئون ٿا ان لاءِ اسان کي ان جي اصولن جي به پيروي ڪرڻ گهرجي، جيڪي هن اسان لاءِ متعين ڪيا هئا. اهو ٿي نٿو سگهي ته ان جي کن اصولن تي عمل ڪيو وڃي ۽ سندس کي اصول نظرانداز ڪيا وڃن. ديانتداري جي تقاضا به اها هئي ته اسان ان جي سڀني هدايتن ۽ اصولن تي پوريءَ طرح عمل ڪريون. قائداعظم جي هدايتن جي روشني ۾ اسان جي نزديڪ دستور جهڙي دستاويز ۾ مذهب کي شامل ڪرڻ نه صرف بي موقع ٿيندو چاکاڻ ته دستور مذهبي عقائد جو مجموعو ٿي نٿو سگهي. بلڪ ائين ڪرڻ سان مذهبي اختلافن جو طوفان بپا ٿي ويندو جنهن کان قوم ۾ وڏيڪ انتشار پيدا ٿيندو اهڙي طرح دستور ۾ اسلامي سوشلزم جهڙين فضول اصطلاحن لاءِ به ڪا گنجائش نه آهي اسان جي خيال ۾ اسلامي سوشلزم جهڙي ڪنهن شيءَ جو وجود ئي نه آهي. هي هڪ ڏوڪو آهي جو پاڪستاني عوام کي ڏنو وڃي ٿو. اسلام ۾ نجي املاڪ کي هڪ حد تائين تحفظ مليل آهي ۽ سوشلزم ۾ نجي املاڪ جي ان تحفظ جو عنصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ختم ٿيندو پيو وڃي. ان ڪري ٻئي نظام هيڪاندا هلي نٿا سگهن انهن ٻنهي ۾ صرف هڪ ڪي اختيار ڪري سگهجي ٿو. ليڪن اسان اهو پڇڻ ٿا چاهيون ته اسلامي نظام جي بلند بانگ نعرن جو دستور سازي جي معاملن سان ڪهڙو تعلق آهي. حالانڪ انهن سڀني شين تي مباحثي لاءِ دستور ساز اداري ڪي بہ مناسب چئي نٿو سگهجي انهن شين تي بحث انهن اسيمبلين ۾ ٿيڻ ڪهي جيڪي دستور ٺهڻ کان پوءِ وجود ۾ اچن ٿيون. اهو مرحلو تڏهن درپيش اچي سگهي ٿو جڏهن اسان دستور بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۽ ملڪ جي سماجي، اقتصادي مسئلن کي حل ڪرڻ جو ڪم تفصيل سان ۽ مناسب جڳهه تي شروع ڪري سگهجي.

اسلامي سوشلزم ٻي مهل آهي

انهن حقيقتن جي پيش نظر اسان جا ذهن ان سلسلي ۾ بلڪل صاف آهن ته اسلامي سوشلزم ۽ اسلامي نظام يا سوشلزم جون ڳالهيون هن مرحلي تي قبل از وقت ٻي موقع آهن. اسان جي نقطه نظر کان هن مسئلي جو حل هي آهي ته اسان جي ملڪ ۾ صنعت جي ٻنهي شعبن ۾ نجي شعبا ۽ سرڪاري شعبا ترقي جا مستحق هئڻ ڪپن جيئن ملڪ جي اقتصادي ترقي ۾ مدد ملي سگهي، موجوده غير بنيادي صنعتن کي قومي تحويل ۾ آڻي انهن کي مفلوج ڪرڻ بدران اسان کي ان ڳالهه تي زور ڏيڻ ڪپي ته بنيادي صنعتون حڪومت خود قائم ڪري ۽ قوم جي طرفان انهن جو انتظام هلائي اسان کي خطرو آهي ته سياسي مفاهمت موجب غير اهم ۽ غير ضروري صنعتن کي قومي تحويل ۾ آڻڻ سان ملڪ کي فائدي بجاءِ نقصان پهچندو. جيستائين صوبائي معاملن جو تعلق آهي ان جو فيصلو ڪرڻ وقت اسان جي غور و فڪر ۽ عمل جو محرڪ اهي بنيادي اصول هئڻ ڪپن جيڪي مون ڪوئٽا ۾ ماڻهن جي اڳيان پيش ڪيا هئا.

مون چيو هو ته جيڪڏهن آءٌ اوهان کي اهو مشورو ڏيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

، هر انهي ماڻهو کي جنهن توهان جي صوبي ۾ رهائش اختيار ڪئي هجي. بلوچستاني سمجهو خواه اهو ڪٿان ۽ اچي هتي آباد ٿيو هجي ته اوهان اها ڳالهه دل ۾ نه ڪندا.

بلوچستان جي سرزمين تي انهن مختلف عناصر ۾ ڪو به امتياز يا فرق نه هئڻ کپي جيڪي هتان جي اجتماعي معاشرتي ۽ اقتصادي ڪليات جا جز آهن. سيني ماڻهن سان برابري جو سلوڪ ڪيو وڃي ۽ سيني کي هڪجهڙا حق حاصل هئڻ کپن.

۽ ين لفظن ۾ آءُ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته اوهان جي ورتاءُ جو بنياد نفرت بجاءِ محبت تي هئڻ گهرجي. جو ته نفرت هڪ بنيادي ڪمزوري آهي جا خود پنهنجي مقصد جي تڪميل ۾ ناڪام ٿي رهي آهي. ان اصول جي روشني ۾ انهن سڀني ماڻهن کي پنهنجو سمجهي سائن هڪڙوئي سلوڪ ڪرڻ کپي جيڪي سنڌ کي پنهنجو گهر بنائي چڪا آهن تن لاءِ اسان جو پڻ اهوئي جذبو آهي.

ليڪن حقوق سان گڏ ڪي ذميداريون به ٿين ٿيون اسان کي اميد آهي ته اسان جا شهري خلوص نيت سان پنهنجون ذميداريون پوريون ڪندا. مثال طور اسان انهن مان اها اميد رکون ٿا ته هو صوبي ۾ ثقافتي يڪسانيت پيدا ڪرڻ ۾ اسان کي مدد ڏين اسان انهن کان اها توقع به رکون ٿا ته جنهن سرزمين تي انهن پنهنجا گهر اڏيا آهن. هو ان جا وفادار رهن اسان کي اها به اميد آهي ته هو سنڌين جي مادري زبان سنڌي کي فروغ ڏيڻ ۾ اسان سان پاڻهن ۾ ملي ٿي رهندا.

اسان انهن مان اها توقع به رکون ٿا ته هو اصولي طور ان ڳالهه تي متفق ٿي وڃن ته صوبي ۾ صوبائي زبان کي ٿي سرڪاري زبان جي حيثيت يڪسانيت نه هوندي تيستائين ڪنهن به قسم جو اتحاد ممڪن ناهي. اسان اميد ٿا ڪريون ۽ اسان جي خواهش آهي ته صوبي ۾ اهڙو اتحاد ۽ اهڙي يڪسانيت پيدا ڪئي وڃي جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌي معاشري جا تمام عناصر خوشحال زندگي بسر ڪري رهن ۽ ملڪ جي عظمت، خوشحالي لاءِ متحد ٿي ڪم ڪندا رهن.

جماعت جا اهم نڪتا:

پچاڙيءَ ۾ آءٌ اوهان جي سامهون پنهنجي جماعت جي پروگرام ۽ منشور جا ڪي نڪات پيش ڪندس.

(۱) پاڪستان جي سلامتي، اتحاد، وقار ۽ خوشحالي لاءِ اسان چاهيون ٿا تہ حڪومت جي مشينري، اقتصادي حقن، ثقافتي ورثن، سياسي آزادين ۽ قومي تعميرنو سان گڏ ترقي جا سڀئي ذريعا ۽ وسيلا اسان جي هٿ هيٺ رهن.

(۲) اسان وفاق پاڪستان ۾ مڪمل خود مختيار صوبن جي حيثيت سان رهڻ ٿا چاهيون. اهڙيءَ طرح اسان ڪنهن وحداني طرز حڪومت جي ماتحت رهڻ پنهنجي بنيادي حقن جي خلاف ورزي سمجهون ٿا. ان ڪري اسان ڪنهن به اهڙي جماعت سان اتحاد ڪرڻ قومي مفاد جي خلاف مقرر ڪريون ٿا، جيڪا وحداني طرز حڪومت جي حامي هجي.

(۳) اسان چاهيون ٿا تہ روزگار، تجارت، زرعي ترقياتي ڪارپوريشن، مغربي پاڪستان صنعتي ترقياتي ڪارپوريشن، نديءَ صنعتن جي ڪارپوريشن، صوبائي واپڊا، ريلوي، بندرگاهہ، صنعتون، زمين، مواصلات، پريس اطلاعات، ريڊيو، ٽيليويزن، ڪارخانن، بجلي، تعليم، صحت، قانون، انتظاميہ جي شعبن ۽ سڀني ترقياتي اسڪيمن تي سنڌ جي حڪومت جو ڪنٽرول رهي.

(۴) اسان مرڪز ۾ ايواني مقنہ جا حامي آهيون جن ۾ ايوان زيرين جو انتخاب آبادي جي بنياد تي هجي ۽ ايوان بالا ڪي اهي اختيار ڏنا وڃن جيڪي برطانوي دارالامرا ڪي حاصل آهن.

(۵) اسان چاهيون ٿا تہ ڏهن سالن جي اندر وفاقي ملازمتن جي سڀني محڪمن ۾ آبادي جي لحاظ کان صوبن کي نمائندگي ڏيڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوبست ڪيو وڃي.

(٦) اسان اهڙا ادارا قائم ڪرڻ ٿا چاهيون جن جي ذريعي صحيح اسلامي روح جي مطابق سماجي، ثقافتي ترقي ۽ قومي يڪجهتي جي فروغ جو ڪم ڪري سگهجي. يعني انسانن ۾ محبت رواداري ۽ پلائي جو جذبو پيدا ڪيو وڃي.

(٧) اسان چاهيون ٿا سنڌي کي حڪومت سنڌ جي سرڪاري زبان تسليم ڪيو وڃي، ۽ اعليٰ سطح تائين ان کي تعليم جو ذريعو بڻايو وڃي. ان کان علاوه سنڌي کي قومي زبانن ۾ پڻ شمار ڪيو وڃي.

(٨) اسان انهيءَ ڳالهه جي حمايت ڪريون ٿا ته اردو ۽ بنگالي زبان کي پنهنجي صوبن درميان ۽ مرڪزي زبان طور استعمال ڪيو وڃي. جيستائين صوبي جو عوام انهن زبانن کان پوريءَ طرح واقفيت حاصل نه ڪري تيستائين انگريزي زبان کي برقرار رکيو وڃي.

(٩) اسان جي خيال ۾ سنڌ ۾ هر طالب علم کي پرائمري تعليم ان جي مادري زبان ۾ ڏني وڃي.

(١٠) اسان چاهيون ٿا ته سنڌ ۾ پرائمري تعليم کان پوءِ ثانوي سطح تائين اردو ڳالهائڻ وارن شاگردن لاءِ سنڌي جي تعليم لازمي قرار ڏني وڃي. اهڙيءَ طرح سنڌي شاگردن لاءِ اردو جي تعليم لازمي قرار ڏني وڃي. ان سان گڏ انگريزي جي تعليم لازمي قرار ڏني وڃي.

(١١) اسان انهيءَ ڳالهه جي حمايت ڪريون ته ثقافتي اقليتن کي آبادي جي بنياد تي ملازمتن ۽ تجارت ۾ مناسب نمائندگي ڏني وڃي.

اسان جي اقتصادي پروگرام جون خاص ڳالهيون هي آهن.

(١) افراد يا نجي ادارن وٽ سرڪاري شعبن جي صنعتن جو وڪرو بند ڪيو وڃي.

(٢) بنيادي صنعتون سرڪاري شعبي ۾ قائم ڪيون وڃن.

(٣) نجي صنعتن جي انتظام ۾ به حڪومت ۽ مزدورن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمائندگي حاصل هجي، جيئن استحصال جو خاتمو ٿي سگهي.

(۴) سنڌ جي سيني سرڪاري ۽ غير سرڪاري ملازمتن ۾ صرف سنڌ جي مستقل رهاڪن جو تقرر ڪيو وڃي.

(۵) ٻراج جي علائقن ۾ زمين جي ملڪيت جي حد ۾، سؤ چاليهه ايڪڙ ۽ غير ٻراج واري علائقن ۾ چار سؤ ايڪڙ مقرر ڪيا وڃن، جن ماڻهن وٽ ان کان زياده زمين هجي انهن کي مناسب معاوضو ڏئي ڪانئن زائد زمين واپس ورتي وڃي.

(۶) اهڙيءَ طرح حاصل ڪيل زمين ۽ سرڪاري زمين کي هارين ۾ آسان قسطن تي ورهايو وڃي. ٻراج جي علائقي ۾ هر هاري کي اٽڪاليهه ايڪڙ ۽ غير ٻراج واري علائقي ۾ هڪ سؤ ڇهانوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٩ سالگرهه جي موقع تي تقرير

جي- ايم سيد

١٧ جنوري ١٩٧٢ع

هيءَ تقرير شاه صاحب سندس سالگره جي موقع تي سن ڪوٽ ۾ سڏايل مجلس اڳيان ڪئي هئي.

عزيزان من!

اسلام عليڪم :- هن مجلس ۾ شريڪ ٿيندڙ جملہ صاحبن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو.

دوستو! گذريل سال پاڪستان لاءِ نحس ثابت ٿيو. اليڪشن کان پوءِ اميد هئي تہ حڪومت جون واڳون عوام جي حوالي ٿيندیون پر ائين نہ ٿيو. اڪثريتي پارٽيءَ کي واڳ ڏيڻ جي عيوض ٢٥ مارچ ١٩٧١ع تي ملیٽري سڌو قدم کڻي حالتون نازڪ بنائي ڇڏيون، سڄا سارا نو مهينا بنگال ۾ سول وار جاري رهي. لکين ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪروڙ کن ماڻهن ملڪ ڇڏي وڃي پارت ۾ پناهہ ورتي. ٣ ڊسمبر ٧١ع تي جنگ مغربي پاڪستان طرف ۾ چڪجي آئي. ٦ ڊسمبر تي پارت بنگال جي عوامي ليگ حڪومت کي تسليم ڪندي، ڪليو ڪلايو اوپر پاڪستان تي لشڪر موڪلي حملو ڪيو. نيٺ ١٦ ڊسمبر ٧١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي تيرهن ڏينهن جي جنگ ڪانپوءِ پاڪستاني فوجون بنگال ۾ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيون.

جنهن بعد پارت طرفان يڪ طرفو جنگ بند ڪرڻ جو اعلان ٿيو. ان جي جواب ۾ پاڪستاني حڪومت به جنگ بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان جي ردعمل ۾ جنرل يحيٰ خان خلاف سخت مخالفت پيدا ٿي جنهن ڪان مجبور ٿي هن سندس عهدي تان استيعفا ڏيئي ذوالفقار علي خان ڏني کي ۲۰ ڊسمبر ۷۱ع تي پنهنجي جاءِ تي صدر نامزد ڪيو. ۲۲ ڊسمبر ۷۱ع تي آزاد بنگلا ديش حڪومت ڍاڪا ۾ داخل ٿي حڪومت جون واڳون سنياليون. ان سموري ڪارگذاريءَ کي نتيجو اهو نڪتو ته بنگال سادا ۷ ڪروڙ ماڻهن سميت پاڪستان کان جدا ٿي ويو.

آءٌ اهو سمورو عرصو نظربند هوس ڪيترا منهنجا دوست به جيلن ۾ هٿا مون کي ان سموري عرصي ۾ پڙهن، لکڻ ۽ غور فڪر ڪرڻ لاءِ ڇگو وقت ملیو جنهن سبب معلومات ۾ اضافو ٿيڻ ڪري پنهنجا تاثرات قلمبند ڪري سگهيو آهيان.

نئين صدر همٿ ڪان ڪم ونڻي هڪ طرف اسان کي آزاد ڪيو ۽ ٻئي طرف ۸ جنوري ۷۲ع تي شيخ مجيب الرحمان کي آزاد ڪري ڍاڪا وڃڻ لاءِ اجازت ڏني جتي هن ۱۰ جنوريءَ تي وڃي حڪومت جون واڳون سنياليون.

نئين صدر حڪومت جون واڳون ان وقت ورتيون آهن جڏهن پاڪستان جي سامهون ڪيئي مسئلا ۽ مشڪلاتون درپيش آهن. جنگ ۾ شڪست اچڻ ڪري هڪ لک ڪن سپاهي نظربند آهن ملڪ کي اربها روپين جو نقصان رسيو آهي مغربي پاڪستان مان ۽ ڪجهه حصا پارت جي هٿ هيٺ ويل آهن، فوجون سرحدن تي آهن، مارشل لا هٽائڻ ۽ صوبن ۾ حڪومتن بحال ڪرڻ جو مطالبو ٿي رهيو آهي. آئين ٺاهڻ، بنگلا ديش کي تسليم ڪرڻ، پارت ۽ افغانستان سان تعلقات قائم ڪرڻ ۽ عوام جي غربت دور ڪرڻ جا مسئلا حل طلب آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ جي آئنده سلامتي ، ترقي ۽ تعمير جو مدار انهن سوالن جي خاطرخواه نموني حل ڪرڻ تي آهي. جيتري قدر سون ان مسئلي تي غور ڪيو آهي، آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ پاڪستان جي انتشار، افراتفري ۽ موجوده پست حالي ۽ جا هيٺيان ڪارڻ آهن:

۱ـ مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو.
۲ـ مذهبي نظام حڪومت جو تخيل.
۳ـ فسطائي نظريہ سياست.
۴ـ چند مستقل مفاد طرفان ملڪ جو استحصال.
۵ـ پروارن ملڪن سان دشمني.

اچو تہ مٿي ذڪر ڪيل مسئلن جي مختلف پهلوئن تي نظر ڪريون.

۱ـ مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو:-

دنيا ۾ ڪٿي بہ مذهبي بنياد تي قوم جو وجود تسليم ٿيل نظر نہ اينڊو. هندوستان ۾ ڪن عارضي اختلافن جي پيدا ٿيڻ سبب مسلم اقليتن ۽ پنجاب جي مستقل مفاد مسلمانن طرفان اهو نظريو ايجاد ڪري سامراجي خيال جي انگريز آفيسرن معرفت ملڪ جي ورهاست ڪرائي.

پاڪستان جي بانين ان نظرئي جي دائمي طور ڪتب آڻڻ کي نقصانڪار ڄاڻي ۱۱ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي آئين ساز اسيمبلي جي پهرين نشست ۾ ان کي رد ڪري ڇڏيو. ليڪن هو گهڻو وقت زنده نہ رهيو. بعد ۾ مذڪور بالا گروهہ سندن اقتدار ۽ استحصال کي قائم رکڻ خاطر ان کي ڪتب آڻيندو رهيو آهي. ان نظريہ ۾ اعتماد رکڻ ڪري ملڪ کي هيٺين مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿيڻو پيو آهي.

(الف) بينگال، سنڌ، بلوچستان ۽ پختون اراضي جي هزارها سالن جي قديم قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻو پوي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) جنهن کري اتي جـي قومن جي زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ وطن کي نقصان پهچي ٿو.

(ت) مستقل مفاد ان نظرئي جي آڙ وٺي مذهبي نظام حڪومت، پارٽ دشمني، علائقن جي حڪومت جا نعرا لڳائي عوام جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

(ث) سياست ملڪ کي نفرت جي بنياد تي هلايو وڃي ٿو. انهي ڪري ئي ون يونٽ ٺاهي وئي. جنهن سبب اولهه پاڪستان جي صوبن ۾ رد عمل پيدا ٿي صوبائي عصبيت زور ورتو. انهي ڪري ئي بنگال علحده ٿـي ويو. انهي وجه ڪري پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ عوامي نمائندن جـون حڪومتون اقتدار ۾ اچا تائين اچي نه سگهيون آهن.

نئين صـدر صاحب اعلان ڪيو آهي تـ ملڪ جون حالتون نهايت گنڀير آهن. تنهنڪري ملڪ جي ساري پاليسيءَ تـي ازسرنو غور ڪندو. ان ڪري هرهڪ شهري جو فرض آهي تہ ڪيس اهڙي نئين پاليسي مرتب ڪرڻ لاءِ مشوره پيش ڪري. انهي نقطه نگاه کان آئون ۾ ڪي تجويزون پيش ڪريان ٿو، جي سندس ۽ عوام جي ويچار هيٺ اچڻ گهرجن.

وقت آيو آهي تـ گذشته ۲۴ سالن جي تجربي مان فائدو وٺي اسان کي بنيادي تبديليون آڻيون. انهن مان سڀ کان وڏي تبديلي مسلمانن جي جداگانه قوم جي نظريه کي خيرآباد چئي پاڪستان کي پنجن قومن جو وطن تسليم ڪرڻو آهي. جنهن صورت ۾ هرهڪ قوم کي خودارادي جو حق رهي ٿو تہ ان بنياد تي جيڪڏهن اهل بنگال آزاد ٿي جدا رهڻ گهرن ٿا تہ سندن اهڙي تقاضا کي صحيح سمجهي، بنگلا ديش کي تسليم ڪرڻ گهرجي.

مغربي پاڪستان جي باقي چئن قومن جي رياستن کي اندروني طـور مڪمل خودمختياري ڏيڻـي، سندن باهمي سمجهوتـا سان هڪ فيڈريشن ٺاهجي. جنهن ۾ مرڪزي حڪومت کي صرف ۳ کاتا سپرد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيا وڃن. دفاع، خارجي معاملات ۽ ڪرنسي. باقي سڀ ڪاتا علائقائي رياستن جي حوالي ۾ رهڻ ڏجن. هي صورت ۾ پاڪستان جو اندروني انتشار ختم ٿي، ملڪ جو مستحڪم ٿيڻ مشڪل ٿيو نظر اچي.

(۲) مذهبي نظام حڪومت:-

هيءَ گالهه بنا خاص ذهن ۾ وهاڻ جي لائق آهي ته دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ مذهبي نظام حڪومت مروج نه آهي. دنيا جي جديد حالات مطابق ان جي مستقبل ۾ ڪٿي به رائج ٿيڻ جو امڪان نه آهي. مٿي ذڪر ڪيل نظريه ۾ اعتماد رکڻ سبب پاڪستان جي جملہ حڪومتن لفظي طرح ان نظريه موجب نظام ناهڻ جا واعدا ڪيا آهن. جنهن صورت ۾ اهڙو نظام قائم ٿيڻ ناممڪن آهي. ان ڪري ان تي عمل ٿي نه سگهيو آهي. نتيجو اهو پي نڪتو آهي ته حڪومتن جي قول ۽ فعل ۾ تفاوت پيدا ٿيو آهي. جنهن ڪري رجعت پسند گروهن طرفان حڪومتن خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ ۽ پنهنجي قوتن کي زور وڌائڻ لاءِ اسباب پي رهيا آهن.

نظر ڪري ڏسبو ته دنيا جي اڪثري حڪومتن جو آئين ۽ نظام سيڪيولر طريقي جو آهي. تنهنڪري هن ملڪ ۾ جداگانہ آئين ۽ نظام قائم ڪرڻ قريباً ناممڪن پيو نظر ۾ اچي. تنهنڪري بهتر ائين آهي ته صاف ظاهر ڪجي ته اهڙو آئيني نظام قائم ڪري نه سگهبو.

جيڪڏهن هن وقت صاف گوئي کان ڪم نه ورنبو ته ترقي پسند گروهن کي آينده هلي رجعت پسند طاقتن کي منهن ڏيڻ مشڪل ٿي پوندو. ان ڪري نئين صدر صاحب کي عرض ڪجي ٿو ته ان بابت صاف ذهن کان ڪم وٺي سيڪيولر نظام حڪومت واري پاليسي مرتب ڪري نه ته اهي قومون سندس سوشلزم ۽ عوامي مفاد جي پروگرام ۾ چپ چپ تي مذهب جي نالي ۾ رنڊڪون وجهنديون رهنديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳) فسطائي نظريہ سياست:-

بدقسمتيءَ کان پاڪستان ۾ ابتدا کان وٺي مستقل مفاد جي تسلط هيٺ سبب صحيح طور تي جمهوريت ۽ عوامي حڪومت قائم ٿي نہ سگهي آهي. جنهن ڪري ملڪ ۾ چونڊن تي آئين ٺهي نہ سگهيو آهي. مستقل مفاد طرفان هڪ ٻئي ٻنيان حڪومتن کي بدلائڻ جو دستور هلندو رهيو آهي.

ابتدا ۾ تہ نالي خاطر چونڊيل ميمبرن جون اسيمبليون هوندیون هيون. پر آهستہ ٹي ڊڪٽيٽري راج قائم ٿيو، جنهن جو دور اڃ کان وڌيڪ عرصي تائين قائم رهيو.

اهي ڊڪٽيٽر ڪڏهن ڪنٽرولڈ ڊيموڪريسي (ضابطہ واري جمهوريت) ڪڏهن بنيادي جمهوريت، ڪڏهن مضبوط مرڪز جا نعرہ لڳائي، پنهنجي تسلط کي قائم رکندا آيا آهن.

هي پهريون دفع آهي تہ عوام طرفان چونڊيل ميمبرن کي اقتدار هٿ ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. ممڪن آهي اهي طاقتون جن اڳي جمهوريت بحال ڪرڻ ۾ رنڊڪون وڌيون هيون، وري بہ ان کي ناڪامياب بنائين تنهنڪري هرهڪ شهري جو فرض آهي تہ هن موقع کي ناڪامياب بنائڻ نہ ڏين.

اهو تڏهين ٿي سگهندو جڏهين اول ۾ صوبائي حڪومتن کي مڪمل اختيار ڏٺي ڪاروبار هلائڻ ڏنو وڃي. تنهنڪري مرڪزي اسيمبلي سڏڻ ۾ دير ٿئي تہ پرواه نہ آهي پر صوبائي اسيمبليون ۽ وزارتون جلد ٺاهڻ ڏنيون وڃن. انهي اصول کي مدنظر رکي سنڌ ۽ پنجاب ۾ حڪومت جون واڳون پيپلس پارٽي جي هٿ ۾ هجن گهرجن ۽ سرحد ۽ بلوچستان ۾ حڪومت جون واڳون ڪوليشن پارٽين جي حوالي ڪرڻ گهرجن. صوبن جا گورنر انهي اصول پٽاند ر صوبن جي حڪمران پارٽين جا هجن گهرجن. پي صورت ۾ صوبائي خود مختياري بي معني ٿي پوندي. ملڪ جو آئين انڊين پاڪستان انڊيپينڊنس ائڪٽ مطابق هلايو وڃي. آئنده جو آئين ۱۲ مهينن جي تجربي بعد رياستن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي رضامندي سان پارليامينٽري طرز جـو ٺاهيو وڃي. جنهن جي ٺاهڻ لاءِ اڪثريت موجب فيصلا نـ ڪيا. وطـن بلڪ هرهڪ صوبي جي رضامندي حاصل ڪرڻ گهرجي. مرڪز ڪـي صرف ٽـي ڪاتا سپرد ڪيا وڃن.

وقت آيو آهي تہ صدر صاحب ان طرف غور ڪري ترت فيصلا ڪري، نہ ٽـ ممڪن آهي رجعت پسند طبقا وري انهي موقع کي بـ ناڪامياب بنائين.

(۴) مستقل مفاد طرفان استحصال:-

تجربي ۽ تاريخي حقائق جي بنياد تي ڪيترا ماڻهو ان نتيجي تي پهتا آهن تـ مسلم اقليت وارن صوبن ۽ پنجاب جـي ڪامورن ۽ زميندار طبقي جي مسلم مستقل مفاد طرفان مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو ايجاد ٿي ملڪ جو ورها گو ڪرايو ويـو. ان جي ڦوڙان انهي طبقي جي نئين ملڪ پر تسلط ۽ استحصال قائم ڪرڻ جو جذبو مضمر هو. گذريل ۲۴ سالہ عرصي جي تاريخ گواهي ڏي ٿي تہ انهي مفاد نـ ملڪ جـو آئين ٺاهڻ ڏنـو نـ عوامي حڪومتن کـي وجـود پر اچڻ ڏنو.

هن وقت مس مس عوامي طرح چونڊيل صدر اقتدار پر آيوآهي سندس پـارٽي جي پـروگرام ۽ واعدن ڪري مستقل مفاد کي ڪڪ پر کان هوندو. ممڪن آهي هو سندس هٽائڻ لاءِ ڪيطريقا استعمال ڪن. ان ڪري اهو نهايت ضروري آهي تہ سندن استحصال کي ختم ڪرڻ کان اڳ سندن وري اقتدار پر اچڻ جا رستا ۽ ذريعا ختم ڪيا وڃن. ڇاڪاڻ تـ قومن جي تعمير ۽ ترقي چند مهينن پر ڪانـ ٿي سگهندي آهي. سوويت يونين ۽ چين جا مثال اسان جيسامهون آهن، جن کي نئين طرز تي تعمير ڪرڻ لاءِ سالن جا سال گذري ويا آهن پر اڄ تائين سندن ڪم پايہ تڪميل تي ڪونہ پهتا آهن. انهي لاءِ عرصہ دراز جي ضرورت آهي. تنهنڪري صـدر صاحب کي اهي طريقا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختيار ڪرڻ گهرجن جي عوامي دور کي قائم رکڻ لاءِ ڪارائتا ٿين. جيڪڏهن چند سڌارا ڪيائين ۽ ان کان پوءِ هنن ڪيس هٿائي چڏيو تہ ساري محنت رائگان ٿي ويندي. تنهنڪري بنيادي طرح سان ڪيس اول ۾ اهي مسئلا حل ڪرڻ گهرجن جن جي ڪري هنن جو حڪومت تي تسلط ۽ اثر رهي ٿو.

منهنجي نظر ۾ اهي ذريعا جيڪي مستقل مفاد کي حڪومتن تي تسلط ۽ اثر ڏين ٿا سي هيٺيان آهن.

۱- مرڪزي حڪومت جي مضبوطي. جنهنڪري ملٽري ۽ سول سروس وارا ساري نظام حڪومت تي اثرانداز ٿين ٿا.

۲- مسلمانن جي جدا گانہ قوم جو نظريو. جنهنڪري مختلف علاقائي قومن جي حقن جي پائمالي ڪري مستقل مفاد سڌن استحصال جاري رکڻ لاءِ مضبوط بنديد ڪن ٿا.

۳- اسلامي نظام حڪومت- جنهنڪري عوام جو توجهہ سڌن روزمره جي مسئلن کان هٿائي، عقل جي عيوض جذباتي بنيادن تي رکي مستقل مفاد جي استحصال جاري رکڻ لاءِ ميدان هموار ڪيو وڃي ٿو.

۴- پروارن ملڪن جي مخالفت- جنهنڪري هنگامي حالتن جو اظهار ڪري لشڪر وڌائڻ ۽ عوام جي آزادي سلب ڪرڻ لاءِ جواز پيدا ڪيا وڃن ٿا.

ان ڪري صدر صاحب کي سندس پروگرام کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ پهرين مذڪور بالا چئني سوالن جو فيصلو ڪرڻو پوندو. جيئن: "نہ هجي بانس، نہ وڄي بانسري."

پارٽ سان سمجهوتو، بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ، مغربي پاڪستان جي چئن قومن کي تسليم ڪري انهن کي آزادي ڏيارڻ، پيرن ۽ ملن جو سياست مان اثر زائل ڪرڻ نهايت ضروري آهن.

انهن کي زائل ڪرڻ بعد هو پنجسالہ منصوبہ بندين ذريعي آهستہ آهستہ ڪري ملڪ جي ترقي ۽ تعمير ڪري سگهي ٿو. باقي مارشل لا جاري رکي مرڪزي حڪومت مضبوط ڪرڻ، اسلامي نظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت ۽ مسلمانن جي‌جدا قوم جي نظريه ڪي سچ ۽ پروارن ملڪن سان مخاصمت جي پاليسي جاري رکڻ بعد نه سول سروس ۽ ملٽري جو اثر گهٽائي سگهندو ۽ نه ڪيس عرصه دراز تائين ڪم ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو ويندو.

(۵) پروارن ملڪن سان دشمني:-

پاڪستان قائم ٿيڻ کان وٺي جملہ حڪومتن جي پاليسي پارت ۽ افغانستان جي مخاصمت جي آڏار تي رٿيل رهي آهي. انهي پاليسي سبب لشڪر وڌائڻ ضروري سمجهيو ويو. ان لاءِ پاڻ هرين ساڻ جي طاقتن کان مدد حاصل ڪرڻ واسطي عهدنامه ڪيا ويا. انهي ڪري ٽي‌جنگيون لڙڻيون پيون. لشڪر وڌائڻ سبب ملٽري ڪي ملڪي‌سياست ۾ دست‌اندازي ڪرڻ جو موقعو ميسر ٿيو ۽ ڊڪٽيٽري نظام قائم ٿيو.

جيڪڏهن ان مسئلي جي تهه ۾ وڃبو ته ملڪي سياست ڪي نفرت جي بنياد تي تعمير ڪرڻ ان جو مڪيه ڪارڻ آهي.

پاڪستان ڪي مضبوط ڪرڻ لاءِ امن جي ضرورت آهي اهو تڏهن حاصل ٿي سگهندو جڏهن هن جا تعلقات پروارن ملڪن سان دوستانه هجن. مستقل مفاد ڪڏهن به نه چاهيندا ته پاڪستان جي موجوده مخاصمت واري پاليسي‌ختم ڪئي وڃي. چاڪاڻ ته ان ڪري ٿي هنگامي حالتن جي عذر تي‌هو پنهنجو اقتدار ۽ استحصال قائم‌رکي سگهن ٿا.

اهي چند سوال آهن جن جو خاطر خواه حل پاڪستان ڪي موجوده ڪٿيئر حالتن مان ڪڍي سگهن ٿا.

سنڌ جي دانشور طبقي لاءِ ڪيترن چند تجويزون رٿيون آهن. جيڪڏهن هو ان تي عمل ڪندا ته ملڪ جا گهڻا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهندا.

۱- مذڪور بالا پنجن اصولن جي تشريح ڪري ذهني تبديلي آڻڻ لاءِ مون ڪي خيال قلمبند ڪيا آهن انهن کان واقفيت حاصل ڪن.

۲- صدر جي نالي چند معروضات پيش ڪري انهي بنياد تي عام راءِ پيدا ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳- مخلص ڪارڪنن تي مشتمل خدام سنڌ جا جٿا تيار ڪن.
منهنجي سمجهه موجب نئين صدر جي هٿ هيٺ عوام کي آخري موقع مليو آهي ته ملڪي مسئلن کي حل ڪرائين نه ته پاڪستان برزا برزا ٿي ويندو.
جيئن ته صدر جي چوطرف ڪيئي ماڻهو ڦريا ٻيٺا آهن، انڪري موثر تجويزون ان تائين پهچائڻ لاءِ عوامي آواز پيدا ڪرڻو پوندو.
جيئي سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد ۾ ۴ مارچ ۱۹۷۲ع ٿي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي تقريب ٿي مسٽر جي- ايم- سيد جي

ڪيل تقرير ۽ پاس ڪيل ٺهراءُ

سنڌ جي حقن جو چارٽر

عزيز دوستو! اسلام عليڪم- جيئي سنڌ!

اڄوڪو ڏينهن سنڌو ديش جي تاريخ ۾ نهايت اهميت رکندڙ آهي. هن تاريخ تي ۵ سال اڳي اسان جي ديش جي ستل قومي روح بيدار ٿي سنڌس وجود جي بحاليءَ لاءِ نوجوانن ذريعي قربانيون ڏئي ثبوت پيش ڪيو. شڪر آهي ته موجوده سرڪار بہ ان حقيقت کي تسليم ڪري اڄوڪو ڏينهن چٽي ڪيو آهي. ڪره ارض تي سرزمين پاڪ و هند ۾ سنڌو ديش هڪ مستقل جاگرافيائي خطي جي حيثيت رکي ٿو. انجو وجود قدرت جو پيداوار آهي. ان جون روايتون تواريخي آهن. سنڌو درياهہ ان جي جسم جي شريان آهي. عربي سمنڊ ان جو پاسبان آهي. ان جا ٻيلا، ڏنڍيون، جبل، پٽون ۽ ميدان طبعي ارتقا ڪري وجود ۾ آيل آهن. سنڌس زمين زرخيز، ماڻهو سڀاجهڙا ۽ محبتي آهن. مخالفن لاءِ قهري تلوار ۽ دوستن لاءِ ٺڏو ڪهڙو آهن. "اشداءُ علي الڪفار رحماءُ بينهم" جو زنده مثال آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿي جا رهاڪو، هتي جي زبان، هتي جو ڪلچر، قومي ڪردار، زرعي ۽ معدني پيداوار هزارن ورهين جي پيداوار آهن.

هر شيءَ جا فطرت جي پيداوار آهي، سا اسلامي قانون مطابق نهيل ٿئي ٿي. هيءَ زمين ۽ ان جا ماڻهو سندن وجود لاءِ ڪنهن فيلسوف يا سياستدان جا مرهون منت نه آهن. سندين جي ذهني ساخت جذبي آزادي، جمهوريت، ۽ تعصبي، مساوات ۽ سوشلزم جي خمير سان تعمير ٿيل آهي. هو ڪنهن جا غلام رهڻ لاءِ تيار نه آهن. ٻوءِ اها غلامي مٿن مذهب جي نالي ۾ ڇو نه مڙهي وڃي.

ڪيترن ئي حملا آورن تلوار جي زور تي مٿن تسلط قائم ڪري اچي راج ڪيو. ايراني، يوناني، عرب، پٺاڻ، مغل، انگريز فاتح ٿي آيا. ليڪن اهي سڀ هليا ويا. سنڌو ديش ۽ انهي جا رهاڪو سندن زبان ۽ ڪلچر سميت اڄا تائين موجود آهن. هي سڀ جي ٻڙي آهي جنهن حوادث زماني جا گهٽا لوڏا ڪاڏا آهن پر ڀڄي نه آهي. هن وقت سندس مٿان بيشڪ نامناسب هوائون ۽ ڪارا ڪڪر چانيل آهن پر سنڌ جو روح ڪين ڪاري ڇوي ٻيو ته:—

آڏو ٽڪر تر، متان روهه رتيون ٽئين!

سنڌو ديش جي قدامت جو پنجن هزار سالن کان تاريخي ثبوت ملي ٿو. مٿس نالو "سنڌو درياهه" تان ٻيو. جنهن ڪري ان جو صحيح وارث آهي سندس مٽي امان لاءِ خاڪ شفا آهي. ان جو پاڻي "آب ڪوثر" آهي. ان جي هر شيءَ باعث رحمت آهي.

پيغمبر خدا کي سنڌ کان ڏڍ هير لڳي هٿي جنهن ڪري سندس دعائون مٿس وسن ٻيئون. سنڌ جا دوست اسان جا دوست آهن ان جا دشمن اسان جا دشمن آهن. اچو ته ان جا سوت ٽٻي ڪري خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي وعدو ڪريون ته:—

۱. سنڌو ديش کي باهر جي سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي کان آزادي وٺي ڏيڻ لاءِ جدوجهد ڪنداسون.

۲. سنڌي زبان کي واحد قومي ۽ سرڪاري زبان تسليم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائڻ ۽ سنڌ ۾ رهندڙ هرهڪ ماڻهو لاءِ سنڌي زبان سکڻ ۽ پڙهڻ لازمي ٺهرائڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون.

۳. سنڌ ۾ سرڪاري يا غير سرڪاري ادارن ۾ نوڪري ڪندڙن کي سنڌي بولي لازمي طرح پڙهائڻ لاءِ قانون پاس ڪرائينداسون.

۴. سنڌ جي زمينن، ڪارخانن، نوڪرين ۽ واپار تي دائمي رهندڙ ماڻهن ۽ سنڌي زبان ڄاڻندڙن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي حق نہ ڏيارينداسون.

۵. مرڪزي حڪومت جو آئين فيڊرل نموني تي آبادي جي ووٽن مطابق نہ پر صوبن جي اسيمبلين جي رضامندي مطابق ٺهرائينداسون ان ۾ بچاءَ، خارجہ، ڪرنسي کان سواءِ ٻيا سمورا کاتا صوبن کي ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون.

۶. صوبن کي پنهنجي ملیشيا قائم ڪرڻ جو اختيار ونڊي ڏيڻ لاءِ تحريڪ هلائينداسون.

۷. سنڌ جي باهر واپار جي جملي ايڪسچينج جو جدا حساب ڪتاب رکي صوبہ سنڌ جي ڪمايل باهرين مٽا سٽا سنڌ تي خرچ ڪرائينداسون.

۸. سنڌ کان باهر جيڪي ماڻهوءَ کي سنڌ اندر زمين خريد ڪرڻ، نوڪري ڪرڻ، واپار ڪرڻ ۽ ڪارخانا کڻڻ جي بندش وجهنداسون موجوده نوڪريءَ وارن کي ۽ شرط ڏيارينداسون تہ دائمي طرح سنڌ جا رهاڪو ٿي وڃن ۽ سنڌي زبان سکن ٻي حالت ۾ کين نوڪري کان خارج ڪيو وڃي.

۹. باهرين کي ڏنل زمينون ڪانئن کسي سنڌي ٻي زمين هارين ۾ ورهائينداسون.

۱۰. سنڌ جو پاڻي پنجاب جي ڪٽي وڃڻ ڪري سرڪاري پيدائش گهٽ ٿيڻ جو انديشو آهي، ان ڪري مڌارا نہ ٿي سگهندا. ان حالت ۾ سنڌ مان وصول ٿيل انڪم ٽيڪس، ڪسٽمس ۽ ايڪسائيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيوٽي جا ٽيڪس سنڌ سرڪار جي حوالي ڪرائيندا سون.

۱۱. سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارا جهڙوڪ واپڊا، ريلوي، ٽيليگراف، پوسٽ، ريڊيو، ٽيليويزن، انڊسٽريز، ڪاٽيون ۽ بئنڪون سنڌ سرڪار جي حوالي ڪرائيندا سون.

۱۲. سي - ايس - پي - ۽ پي - ايس - پي - پراونشل سروس ۽ آئيندا سون.

۱۳. سنڌو درياهه ۽ ان ندين جو پاڻي ۱۹۴۵ع جي عهدنامي موجب سنڌ کي ڏيارينداسون.

۱۴. سيني ڪارخانن، ملين، سنڌ جي سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين ۾ صرف سنڌ جي رهاڪن کي ملازمت ۾ رکنداسون.

۱۵. بحريه، فضائيه ۽ بري فوجن ۾ سنڌ کي صوبائي حيثيت سان چوٽون حصو نوڪريون ڏيارينداسون.

۱۶. سنڌو ديش ۾ اوپر بينگال کان مهاجرين جي اچڻ تي بندش وجهڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون ۽ جيڪي ماڻهو انهن جي آڻ لاءِ گهر ڪندا تن کي سنڌ جو دشمن ڪري سمجهنداسون.

۱۷. سنڌ کان باهر پٽسو نيڻ تي بندش وجهائڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون.

۱۸ ثانوي ۽ هاءِ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سنڌي زبان سکڻ لازمي ٺهرائڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون.

۱۹. سنڌ سيڪريٽريٽ جا سيڪريٽري، سيني ڪاتن جا هيڊ، ضلعن جا ريوينيو ۽ پوليس عملدار، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا مکيه عهدا سنڌين لاءِ مخصوص ڪرائڻ لاءِ هلچل هلائيندا سون.

۲۰. سنڌي ان کي شمار ڪنداسون جو دائمي طرح سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي زبان ڳالهائيندڙ ۽ پاڻ کي سنڌي قوميت جو فرد شمار ڪندو هجي.

۲۱. جملي مرڪزي سروسز ۽ سنڌ کي چوٽون حصو نوڪريون ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪنداسون. خاص ڪري خارجيه سروسز ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۲. واپڊا اي. ڊي. سي، پي. آءِ. ڊي. سي، پي. آءِ. اي. سي. آءِ. سي، ادارا ختم ڪري صوبن جي حوالي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون.

۲۳. سنڌ اندر اسٽيشنن، آفيسن، ريلوي ٽڪيٽن، ٽوئن وغيره تي سنڌي اڪرن لکائڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون.

۲۴. ڪراچي ۽ حيدرآباد وغيره شهرن مان رستن تان غيرسنڌي نالا مٽائي سنڌي نالا رکائڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون.

۲۵. سنڌ ۾ چار يونيورسٽيون هڻا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون خيرپور، ٽنڊو جام انگريڪلچرل يونيورسٽي، انجنيرنگ ۽ ميڊيڪل يونيورسٽي.

۲۶. سنڌ جي موجوده ٽن ريڊيو اسٽيشن ڪراچي ۽ حيدرآباد تان ۹ سيڪڙو سنڌي پروگرام ڪرائينداسون ۽ خيرپور ۾ نئين ريڊيو اسٽيشن هڻا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسون.

۲۷. سنڌ جي هرهڪ رهاڪوءَ کي روزگار مهيا ڪرائڻ جو ذمو حڪومت کان پورو ڪرائينداسون.

مٿيون سيٽي گهرون سنڌي عوام جو چارٽر شمار ڪري ان جي سرانجامي لاءِ هر طرح جي ڪوشش ڪندا ايندا سون، جيستائين ڪ اهي پوريون ٿين. ان پروگرام ۾ جيڪي وساهم رکن سي "خدام سنڌ" ٽي ڪم ڪن ان تحريڪ ۾ داخل ٿي، ساٿين کي پروگرام کان واقف ڪرڻ جي لاءِ تبليغ ڪن.

خادم سنڌ کي هيٺيان پنج ڪم ڪرڻا پوندا

۱. ڪم ڪرڻ وقت ٽوپي (هڪ طرف ٽائي، هڪ طرف ڪاڙهي وچ ۾ اجرڪ) پائڻي پوندي.

۲. "جيئي سنڌ" جي نقش جو بلو سيني تي لٽڪائڻو پوندو.

۳. مٿي ذڪر ڪيل ستاويهن (۲۷) مقصدن جي تبليغ ۽ ان جي سرانجامي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو عهد ڪرڻو پوندو.

۴. پنهنجي گهر جي مٿان "جيئي سنڌ تحريڪ" جو جهنڊو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳائڻو پوندو. جنهن ۾ ٽوپي ۽ وارا ٽيئي رنگ، سنڌ جو نقشو ۽ جيئي سنڌ لکيل هوندو.

۵. مهيني ۾ ٻه دفعا جاچ تي جيئي سنڌ جو نقش لکڻو پوندو.

نوٽ:- جي زالون ان تحريڪ ۾ داخل ٿيندیون تن کي ٽوپي بدران ڪلهن ۾ اجرڪ ۽ ساڻو چولو اوڍڻو پوندو.

ٺهراءُ نمبر ۱

سنڌي شاگردن، دانشورن، عوامي نمائندن ۽ عام ماڻهن جو هي مجموعو سنڌ سرڪار ۽ پاڪستان جي صدر کان پرزور مطالبو ٿو ڪري ته:

جنهن صورت ۾ ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان جي قيام بعد سنڌ مان لڏي ويل تيرهن لکن هندن جي جاءِ تي اڳيئي ٽيهه لک مهاجرن اچي سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪئي آهي. ۽

جنهن صورت ۾ گذريل ۲۵ سالن اندر مرڪزي سرڪار ۾ مهاجرن جي اثر ۽ رسوخ هيٺ ڪري سنڌ جي لڏي ويل هندن جي زمين، واپار، ڪارخانن ۽ نوڪرين تي هنن قبضو ڪري سنڌ جي اصل رهاڪن کي سندن جائز حقن کان محروم ڪيو آهي. ۽

جنهن صورت ۾ هنن زبردست پريس ۽ پروپيگنڈا ذريعي اڪثر نوڪرين، واپار، ڪارخانن، بئنڪن ۽ بين ادارن تي هڪ هٿي قائم ڪري اصل سنڌين کي سندن حقن جي حصول ۾ رنڊڪون پي وڌيون آهن ۽ جنهن صورت ۾ هنن منظم سازش جي ڪري اڳيئي سنڌ جي زبان ۽ ڪلچر کي ختم ڪرڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ باوجود ان جي هنن منظم سازش ڪري سنڌين تي سياسي تسلط ۽ اقتصادي استحصال ڪرڻ خاطر بنگلا ديش جي بهارين کي هتي لڏائي آڻي ويهارڻ لاءِ پرزور پروپيگنڈا شروع ڪئي آهي.

ان ڪري اسان کي خطرو محسوس ٿو ٿئي ته سنڌ جي اصلوڪن

www.sindhsalamat.com · books.sindhsalamat.com

باشندن کي اڪثريت مان بدلائي اقليت بڻائڻ ۽ سنڌ تي سياسي تسلط ۽ اقتصادي استحصال قائم ڪرڻ جو ارادو آهي ۽

جنهن صورت ۾ سنڌ جي ايڪانامي سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ گهنڊجڻ، سر زمين سنڌ جي آبادي‌ءَ وڌڻ ۽ سمورين سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين تي اڳ ۾ ٻاهران آيلن جو تسلط ٿي ويل آهي ۽

جنهن صورت ۾ مغربي پاڪستان جا ٻيا صوبا پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد وڌيڪ مهاجرن کي وٺڻ لاءِ تيار ٿين جي خلاف اڳ ۾ احتجاج ڪري چڪا آهن. تنهن صورت ۾ اسان کي خطرو آهي ته بينگال کان وڌيڪ مهاجرن جي هتي اچڻ جو سمورو بوجھ سنڌ تي پوٽو آهي

انڪري اسان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته ٻهارين ۽ ٻين مهاجرن کي بنگلا ديش مان هتي اچڻ تي بندش وڌجهي ۽ آئنده سنڌ کان ٻاهر جي رهاڪن کي سنڌ اندر زمين خريد ڪرڻ، ڪارخانا جاري ڪرڻ، خانگي يا سرڪاري نوڪرين ڏيڻ ۽ تجارت ڪرڻ تي بندش وڌي وڃي.

ٻي صورت ۾ سنڌ جا رهاڪو سنڌن سياسي موت، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل خاتمي جي خطري کان بچڻ لاءِ هر طرح سان حق بجانب ٿيندا ته اهڙي آمد خلاف سڌو قدم کڻڻ لاءِ مجبور ٿي ان کي روڪين.

ٺهراءُ نمبر ۲

سنڌي شاگردن، دانشورن، عوامي نمائندن ۽ ٻين ماڻهن جو هي مجموعو سنڌ سرڪار ۽ صدر پاڪستان کان پرزور مطالبو ٿو ڪري ته:

جنهن صورت ۾ سنڌ ديس جي اصلوڪي سنڌي زبان هزار سالن جي قديم زبان آهي ۽

جنهن صورت ۾ اها زرخيز هڻڻ کان علاوه سنڌ جي ڏهاڙي، ڪلچر حيات ۽ ادب جي ذخيري جي حامل آهي ۽

جنهن صورت ۾ اسان کي تجربي سان معلوم ٿيو آهي ته ٻاهران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڏي آيل مهاجرن جي منظم سازش آهي ته سنڌين جي زبان، تهذيب، سنڌي روايات ۽ ادب کي ختم ڪري سندن زبان، ڪلچر ۽ ادب کي اسان تي مسلط ڪن.

تنهنڪري سنڌ جا رهاڪو پرزور مطالبو ٿا ڪن ته سندن انهن خدشن کي دور ڪرڻ لاءِ سرڪار کي:

(الف) سنڌي زبان کي واحد سرڪاري زبان تسليم ڪرڻ جو يڪدم اعلان ڪرڻ گهرجي.

(ب) سنڌ ۾ جملي سرڪاري نوڪري ڪندڙن لاءِ سنڌي سکڻ لازمي ٺهرايو وڃي. جيئن انگريزي حڪومت جي زماني ۾ سنڌ ۾ نوڪري ڪندڙن لاءِ سنڌي سکڻ لازمي هوندو هو.

(ت) سنڌ جي ٻنهي ريڊيو اسٽيشن تان ۹۰ سيڪڙو وقت سنڌي زبان ۾ نشر ڪرڻ کي ڏنو وڃي.

(ث) سنڌ ۾ ثانوي، هاءِ اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ سنڌي زبان کي لازمي ٺيڪاريو وڃي.

(ج) آئنده لاءِ هر ماڻهوءَ کي سرڪاري نوڪرين يا پين ادارن ۾ سنڌي زبان ۾ ماهر هئڻ کان سواءِ نوڪري ڏيڻ تي بندش وڌي وڃي.

(ح) سنڌ ۾ رستن، ريلوي اسٽيشنن، آفيسن، ريلوي ٽڪيٽن ۽ نوٽن تي سنڌي زبان ۾ نالا لکايا وڃن.

(د) ڪراچي، حيدرآباد ۽ ڪن پين شهرن ۾ سنڌ جي تهذيب ۽ روايات کي مسخ ڪرڻ خاطر جي غير سنڌي نالا لکايا ويا آهن تن کي بدلائي سنڌي تهذيب ۽ روايات جا نالا لکايا وڃن.

(ذ) سنڌ اندر جملہ تعليم گاهن، تعليمي ۽ ڪلچرل ادارن تي ۹۰ سيڪڙو خرچ ڪيو وڃي. اسان سرڪار کي متنبهہ ٿا ڪريون ته جيڪڏهن سرڪار ترت سنڌين جي مذڪور بالا عرضداشت جي پورائيءَ لاءِ قدم نہ کنيو ته اسان حق بجانب ٿينداسون تہ ان لاءِ عالمگير تحريڪ هلائي انهن گهرن کي ڪامياب ڪرايون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٹهراءُ نمبر ٣

سنڌي شاگردن، دانشورن، عوامي نمائندن ۽ عام ماڻهن جو هيءُ مجموعو سنڌ سرڪار ۽ صدر پاڪستان کان پر زور مطالبو ٿو ڪري ته:

جنهن صورت ۾ ١٩٤٥ع جي سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ سنڌوندي ۽ اُن جي متعلق ندين جي پاڻيءَ بابت ٿيل عهدنامي جي خلاف نوان براج ۽ ڊئم قائم ڪري سنڌ کي سندس جائز پاڻيءَ جي ورهاست کان محروم ڪيو ويو آهي،

تنهن صورت ۾ اسان جو پرزور مطالبو آهي ته پاڪستان سرڪار جلد از جلد اسان کي پنهنجو حصو پاڻي ڏيارڻ جو انتظام ڪري سنڌ کي غيرآباد ٿيڻ کان بچائي.

ٻي صورت ۾ سنڌ اندر بيچيني پيدا ٿيڻ جو قوي امڪان آهي.

ٹهراءُ نمبر ٤

سنڌي شاگردن، دانشورن، عوامي نمائندن ۽ عام ماڻهن جو هي مجموعو سنڌ سرڪار ۽ صدر پاڪستان کان پر زور مطالبو ٿو ڪري ته، جنهن صورت ۾ صوبو سنڌ ۾ گذريل ٢٤ سالن اندر ان جي تعليم، تعمير ۽ اقتصادي ترقيءَ مناسب قدم نه کڻڻ ۽ ون يونٽ جي عرصي اندر ان جي ترقيءَ جي راه ۾ رڪاوٽ وجهڻ ڪري هي صوبو هر صورت ۾ پست پڻجي ويو آهي.

ان ڪري آئنده لاءِ سنڌ سرڪار کي سنڌ جي تعليمي ترقي، تمدني تعمير ۽ اقتصادي خوشحاليءَ لاءِ قدم کڻڻ، گهرجل پيسا مهيا ڪرڻ واسطي هيٺين ٽيڪسن جي پيداوار سنڌ سرڪار جي حوالي ڪئي وڃي.

١. صوبو سنڌ اندر وصول ٿيندڙ انڪم ٽيڪس.
٢. ڪراچي بندر تان وصول ٿيندڙ ڪسٽمس.
٣. سنڌ مان وصول ٿيندڙ ايڪسائيز ڊيوٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴. سنڌ اندر وصول ٿيندڙ سيلس ٽيڪس.

بيءَ حالت ۾ اسان حق بجانب ٿيندا سون تہ انهيءَ حق جي حصول لاءِ ۾ زور تحريڪ هلايون.

ٺهراءُ نمبر ۵

سنڌي شاگردن، دانشورن، عوامي نمائندن ۽ عام ماڻهن جو هي مجموعو پاڪستان جي صدر کان ۾ زور مطالبو ٿو ڪري تہ:

جنهن صورت ۾ اها حقيقت آهي تہ سنڌ جي اڪوٽي ظلم ۽ سنڌي دشمن ڪميشنر مسرور حسن اچوڪي ڏينهن تي سنڌي شاگردن جي ۾ امن مظاهري تي لٺيون هٽائي، هنن کي رتو ڇاڻ ڪري جيلن ۾ موڪليو هو. هنن جو ڏوهہ صرف سندن حقن جي گهر ڪرڻ هو.

ان حالت ۾ اهڙي ظالم ڪميشنر کي يڪدم نوڪري کان برطرف ڪري انڪوائري بعد سخت سزا ڏني وڃي.

۲. جنهن صورت ۾ موجوده حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر جون سنڌي دشمن حرڪات زبان زد عام آهن، تنهن ڪري يڪدم هن کي سنڌ کان باهر ڪڍيو وڃي ۽ انڪوائري ڪرڻ بعد جيڪڏهن مٿس تهمتون ثابت ٿين تہ نوڪريءَ کان برطرف ڪيو وڃي.

* * *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ اسان جو ديس

هي بيان شاهه صاحب سنڌ جي گشت ۾ وڃڻ وقت
حڪومت طرفان منع ٿيڻ تي پريس ڪانفرنس اڳيان
ڏني، پئي ڏينهن سنڌ جي گشت تي روانو ٿيو.

۳۱ جولاءِ ۱۹۷۲ع

عزيز دوستو!

سنڌ گهٽي عرصي کان وٺي مستقل مفاد قوتن جي هٿان استحصال جو شڪار رهي آهي. هن دفعي سنڌ کي اهڙي حالات ۾ پهچايو ويو آهي جو هن کي پنهنجي وجود جي بقاءَ لاءِ جنگ ڪرڻي پوندي.

مونکي وڏي ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ کي مشڪلاتن کان چوٽڪارو ڏيارڻ ۽ پاڪستان جي حدن اندر صحيح مقام ڏيڻ جي عيوض اهي ڪوششون ڪيون پيون وڃن ته جيئن سنڌ جي جاگرافيائي وحدانيت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪيس هڪ تاريخي ڪاري رات ۾ ڌڪيو وڃي.

تازين حالتن ۾ آساني سان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته موجوده حڪومت ۽ سنڌ وطن جا ويري، سنڌ خلاف هڪ جامع سازش ۾ پاڻهن ۾ ملي ٿي چڪا آهن. سندن مقصد سنڌ کي هڪ چالاڪ ۽ مسلسل طريقي سان هڪ ڏاڙو چيهو رسائڻ آهي.

آءٌ اهو پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته سنڌو ديس جي ماڻهن کي سندن وجود خلاف خطرن کان نه صرف آگاهه ڪريان پر کين ڪنهن مؤثر احتياط ڪرڻ لاءِ واڌون ڏسيان. آءٌ ان سان گڏوگڏ سنڌ جي ويرين کي ٻڌائڻ ٿو گهران ته ڪنهن به حالت ۾ سندن سنڌ دشمن سازشن کي عملي جامو پهرائڻ نه ڏينو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سون هميشه ڇيو آهي اردو سامراجي طبقي نه پاڪستان جي حقيقي مقصد کي تسليم ڪيو آهي ۽ نه ئي سنڌ ڏرتيءَ ۽ ان جي رهاڪن، جن کين لڳاتار ۲۵ سال ڦٽي ڦاليو آهي، سان وفادار ٿيڻ چاهين ٿا. سنڌن آن ذهن ۽ تبرڪ وطن حرڪتن ئي بنگلا ديش کي اسان کان جدا ڪيو. جيڪڏهن هو پنهنجي اردو زبان کي پاڪستان جي واحد قومي زبان بنائڻ واري غير فطري تقاضا کي بنگلا ديش جي ماڻهن مٿان نه مڙهين ها ته جيڪر بينگال ڏرتيءَ تي بينگال جي ماڻهن جو خون نه وهي ها ۽ نه ئي بينگال جدا ٿئي ها.

بدقسمتيءَ سان انهن ساڳين ئي عناصرن پنهنجن غير انساني ارادن جو نشانو سنڌ کي بنايو آهي. تازو زبان جي مسئلي تي ٿيل فسادات نه صرف غير فطري پر مجرمانه هئا. بل پر کاڻ اهڙي ڪالهه موجود نه هئي، جا کين اهڙين حرڪتن ڪرڻ لاءِ بهانو ٿي سگهي ٿي. سنڌ اسيمبليءَ سان پاس ٿيل بل هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي ناڪافي سٽن کان وڌيڪ ڪجهه به نه هو. جنهن کي اسيمبليءَ جي ۶۲ ميمبرن مان ۵۱ ميمبرن جي اڪثريت سان پاس ڪيو ويو هو.

سنڌ جي ماڻهن جي تاريخي تقاضا هئي ته موجوده حڪومت سنڌي زبان کي سنڌ جي واحد سرڪاري زبان وارو تاريخي حق ونئي ڏيندي. ليڪن اسان جي تعجب جي حد نه رهي جو آهو بل جو ڪمزور ۽ مڪمل طرح ناڪافي هو سو به هنن کان سٽو نه ٿيو ۽ هنن سنڌ جي جائز ۽ دکهي جدوجهد کي دٻائڻ لاءِ غنڊا گردي جو سهارو ورتو. ان کان وڌيڪ تعجب خيز ڪالهه اها هئي ته انهن ساڳين عناصرن سنڌ جي پهراڙين ۾ به سنڌي قوم جي ماڻهن مٿان طرح طرح جا حملا ڪيا. سنڌ کي ايڏي وڏي نقصان پهچائڻ کان پوءِ به کين تسڪين حاصل نه ٿي ۽ هو سنڌ کي وڌيڪ زخم پهچائڻ لاءِ پنهنجي غنڊا گردي کي جائز قرار ڏيندا رهن ٿا.

هر اسان جي حيرانيءَ جي حد نه رهي جو جناب ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي صدارت بچائڻ خاطر وڃي سنڌ جي ويرين ۽ بين مستقل مفاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏيو آهي، جن جو مقصد سنڌ کي استحصال جو شڪار بنائڻ آهي.

آءٌ پنهنجي وطنين (سنڌين) کي آگاهه ڪرڻ چاهيان ٿو ته موجوده پاس ٿيل آرڊيننس جيڪو صدر پٽي جي هدايتن تي سنڌ جي گورنر جاري ڪيو آهي، ان سنڌ جي ماٿهن جي حقن واري جدوجهد کي تمام گهٽو نقصان رسايو آهي. ۽ اسان سنڌين جون ڪيترين قيمتي جانيون ورتيون ويون آهن.

هن آرڊيننس ذريعي سنڌ کي ٻن ٻولين واري صوبو بنايو ويو آهي جو ڪو به غيرتمند سنڌي برداشت نه ڪندو. هن آرڊيننس ۾ صدر ذوالفقار علي پٽي اردو سامراجين کي اها راهه خلقي ڏني آهي، جنهن کي هو ڪراچيءَ کي سنڌ کان علحده ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿا.

صدر پٽي جا چند بيان اردو سامراجين کي سندن ڏکهي سنڌ دشمن سازش کان باز رکڻ کان قاصر آهن. اهو صرف منهنجو تجربو نه آهي پر گذريل چند ڏينهن کان، حڪومت ۽ اردو سامراجي ٽولي درميان ٿيل عهد نامن ۽ آرڊيننس بابت اشتياق حسين قريشي ۽ شاهه فريدالحق جا وضاحتي بيان منهنجي تجزئي کي ٺيڪو ڏين ٿا.

ٻئي طرف مسٽر پٽي طرفان انهن بيانن خلاف ڪنهن به تردید جو نه اچڻ اسان جي شڪ کي صحيح ثابت ڪري ٿو ۽ ظاهر ٿي رهيو آهي ته هو صاحب به پنهنجي مادر وطن جي ويرين سان شريڪ آهي.

انهن واقعات هڪ اهڙي روايت ٺاهي آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ اندر خود مختياري سنڌ اسيمبليءَ وٽ نه بلڪ چند هٿ ٽوکين غنڊن جي هٿ ۾ آهي. هي آرڊيننس سنڌ اسيمبلي جيڪا خود صدر صاحب جي پنهنجي پارٽيءَ جي اڪثريت جي ٺهيل آهي، جي منهن تي هڪ چهٽ آهي.

پٽي صاحب انهن انتشار پسندن جي اڳيان جهڪندي سنڌ وطن جي ماٿهن سان غداري ڪئي آهي. هن پنهنجي صدارت بچائڻ لاءِ ڪيڏي نه وڏي قيمت ادا ڪئي آهي. اها صدارت ڪيس وڌ ۾ وڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻ مهينا ٻ هلائڻ نہ ڏيندا.

اردو سامراجي جيڪي پنهنجي اڪوٽي مادر وطن سان قطع تعلقات ڪري سگهن ٿا، جيڪي ۲۵ سال مسلسل پاليندڙ محسنن سان غداري ڪري سگهن ٿا، اهي ڪنهن فرد واحد سان وفادار ٿي نٿا سگهن.

آءٌ ڏسي رهيو آهيان ته مستقبل ۾ سنڌ تي وڏا عذاب اچڻ وارا آهن ۽ آهي ان وقت ايندا جڏهن قومي اسيمبليءَ ۾ بنگلا ديش تسليم ڪرڻ واري معاملي کي آندو ويندو. آءٌ سمجهان ٿو ته صدر يٽو کي اهڙا قدم کڻندو جيئن رجعت پسندن کي راضي ڪري، بنگلا ديش بابت ووٽ وٺي سگهي.

آءٌ سنڌ جي ماڻهن جي قوت ۽ ويساهه رکندي اهڙن عنصرن کي آگاهه ڪرڻ گهران ٿو ته جيڪڏهن کاڻ اهڙي ڪالهه ڪنهن به ڪنڌ ۾ رٽي ويئي ته ان کي هڪدم روڪيو ويندو.

صدر يٽي جون موجوده پاليسيون ان ڪالهه جي نشاندهي ڪن ٿيون ته هو اردو سامراجين کي خوش ڪرڻ ۽ سندن سات وٺڻ خاطر مناسب قدم کڻڻ وارو آهي. جيئن صدر يٽي تازين حالتن ۾ چند غندن آڏو جهڪي پنهنجي ڪمزور هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. ان ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي، هو انتشار جو سهارو وٺي هن مان ڪُٻ ڪڍي سگهن ٿا.

اسان هن کان اڳ ۾ ۲۳- جولاءِ تي جيئي سنڌ محاذ واري گڏجاڻيءَ ۾ ٻڌايو ذريعي آگاهه ڪيو هو ته مستقبل قريب ۾ اهي عناصر بنگلا ديش مان بهارين کي گهرائڻ واري تحريڪ هلائڻ چاهين ٿا ته جيئن هو سنڌ اندر اصل سنڌين کي اقليت ۾ بنائي سنڌ جا حاڪم ٿي ويهن. مونکي ته شڪ آهي ته صدر يٽي ڪٽي اهڙي ٻڌاءَ تي ساڻن سمجهوتو نہ ڪيو هجي. سنڌين اڪثيئي اردو سامراجين هٿان گهڻا زخم کاڌا آهن ۽ هو ڪنهن به صورت ۾ بهارين کي هتي اچڻ نہ ڏيندا. آءٌ ايمانداريءَ سان اها تجويز ڏيان ٿو ته سنڌين کي ايترو سوڙهو نہ ڪيو وڃي جو اڪثيئي هلي تباهه ڪن نتيجا نڪرن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي اهو پڌي تمام گهٽو صدمو پهتو آهي تہ موجوده حڪومت غريب بينگال سرڪاري ڪاموڻ تنوڙي پين شهرين کي سندن خواهش جي اظهار ڪرڻ جي جرم ۾ نوڪرين مان خارج ڪري، پگهارون بند ڪري، ڪاري وحشت ۽ ظلم جو شڪار بنايو ويو آهي. اهڙي قسم جا ڪيترا مضمون ۽ خط شايع ڪيا ويا آهن. سندن پگهارن بند ٿيڻ ۽ ويجهڑائيءَ ۾ وطن وري وڃڻ جي امڪانن جي غير موجودگيءَ ڪين عليل ۽ رحم جوڳين حالتن ۾ ڏکي ڇڏيو آهي.

هي دنيا جي تاريخ ۾ هڪ قسم جو المیو ٿيندو. جيڪڏهن کين زندگي گذارڻ لاءِ وسائل مهيا نہ ڪيا ويا تہ هو بک ۽ افلاس جو نشانو بنجي ويندا.

آءٌ گهر ڪريان ٿو تہ موجوده حڪومت کي اهڙن ستايلن انسانن لاءِ جوڳا قدم کڻڻ کپن. هي انساني مسئلو آهي. جيڪڏهن اهو حل نہ ڪيو ويو تہ باهرين ملڪن اندر توڙي پر وارن سائين سامهون ذلت ۽ بدناميءَ جو ڪارڻ بنبو. اڳيئي گذريل سال دوران بينگال وارن واقعات ۽ بربريت اسان کي ڪافي خوار ڪيو آهي ۽ اسان وڌيڪ خواري برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون.

آءٌ اعتماد سان چوڻ چاهيان ٿو تہ سندي قوم هاڻ جهالت جي اونداهين راتين مان نڪري رهي آهي ۽ وقت اچي ويو آهي تہ هو پنهنجي خلاف سنجندڙ سازشن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا. کين هاڻي "غداري وارن نعرن" سان گمراه ڪري نٿو سگهجي. اسين ڪافي پوڳي چڪا آهيون.

نئين دور جو صبح هن موهن جي دڙي جي پراڻي درتيءَ تي آيري چڪو آهي. سندي زبان جي واحد سرڪاري زبان هجڻ واري مقام اسان جو حق آهي. اڄ يا سڀاڻ اسان اهو حق ضرور ونڊي رهنداسون.

هاڻ اسان سان وڌيڪ دغا ممڪن نہ آهي. سند اندر نئين صوبي بنائڻ واري سازش کي پوري قوت سان روڪيو ويندو. اسين پنهنجي پاڪ درتيءَ ٽڻي ڪوہ اسرائيل يا محمد پور ۽ ميرپور برداشت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪندا سون. هيءَ ڏرتي صوفين جي ڏرتي آهي.

آءُ سڀاڻي سنڌ جي دوري تي وڃي رهيو آهيان. منهنجو مقصد سنڌ جي ماڻهن کي سندن خلاف ٿيندڙ سازشن کان آگاهه ڪرڻ آهي. ممڪن آهي موجوده حڪومت انهن حقيقتن کان خائف ٿي منهنجي ان دوري جي راهه ۾ رڪاوٽون کڙيون ڪري. پر مونکي اهڙين رڪاوٽن جي ڪا پرواهه نہ آهي. جيڪڏهن مون سان ڪو اهڙو واقعو پيش آيو تہ هي سچ جو جهنڊو منهنجن ساٿين جي هٿن تائين پهچي ويندو ۽ هو آن جهنڊي جي وقار ۽ بلنديءَ خاطر آخري دم تائين جدوجهد ڪندا رهندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو ديش مهان

[ميرپور بٹوري ۾ ۱۴ مئي تي جشن لطيف جي موقعي تي محب سنڌ محترم جي- ايم- سيد جي ڪيل صدارتي تقرير پيش ڪجي ٿي.]

مهان لطيف:

لطيف سنڌو ديش جي پنج هزار سالہ تاريخي ڪلچر جو علمبردار آهي. لطيف سنڌ جو روح روان آهي. سنڌ لطيف کانسواءِ بي جان آهي جيڪڏهن اوهان محب سنڌ ٿيڻ گهرو ٿا تہ لطيف جي پيغام جي سچائپ ضروري اٿو. ان جو پتو هن مان پوندو تہ:

(۱) اوهان سنڌو ديش جي محبت رکندا هجو.

(۲) اوهان سنڌي قوميت جي نشي ۾ سرشار ٿيو.

(۳) اوهان کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار هجي.

مٿي ذکر ڪيل ڳالهين کانسواءِ اوهان کي لطيف جي دربار ۾ داخلا ملي نہ سگهندي. انهيءَ محبت جي کسوٽي هي ٿيندي تہ اوهان صدق دل سان وعدو ڪريو تہ:

(۱) سنڌو ديش کي غيرن جي سياسي تسلط اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي کان بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲) سنڌين جي قومي يڪجهتي، فلاح ۽ بهبودي لاءِ ڪوشان رهندا.

(۳) سنڌي زبان جي فروغ ۽ ترقيءَ لاءِ هيٺيان قدم کڻندا:

الف ـ سنڌو ديش جي واحد قومي ۽ سرڪاري زبان سنڌيءَ کي تسليم ڪرائيندا.

ب ـ سنڌ ۾ رهندڙ هرهڪ ماڻهوءَ لاءِ سنڌي زبان جو سکڻ لازمي ٺهرائيندا.

ت ـ سنڌي زبان جو چاڻ، سنڌ ۾ واپاري فرمن، ڪارخانن، سرڪاري توڙي خانگي نوڪرين ۾ داخلا لازمي ڪرائيندا.

ث ـ پاڪستان جي قومي زبان اردوءَ جي عيوض سنڌيءَ کي بنائيندا.

ج ـ سنڌ انڊر ريڊيو، ٽيليويزن اسٽيشن تان ۹۰ سيڪڙو وقت سنڌيءَ لاءِ مقرر ڪرائيندا.

ح ـ سنڌ ۾ سئنيمائن ۾ فلم ۸۰ سيڪڙو اردو ۾ ڊيڪارڻ تي پابندي وجهندا.

دوستو! اوهان کي معلوم هوندو ته دنياوي ڪاروبار ۾ به قوتون اثر انداز ٿين ٿيون، جن کي خير ۽ شر جي نالن سان سڏيو آهي. خير جي قوت مدد گار، دوست ۽ فائديمند ٿئي ٿي ۽ شر جي قوت، مخالف دشمن ۽ نقصانڪار ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ انهن قوتن کي دنيا جي هر ڳالهه ۾ دخل ٿئي ٿو. ليڪن انهن جي تميز ڏهايت اوکي آهي.

تاريخ تي نظر ڪندا ته معلوم ٿيندو ته سنڌ جي سياست، اقتصاديات ۽ ڪلچر تي به انهن قوتن اثر ڏيکاريو آهي.

سنڌ جي دوست ۽ دشمن کي جيڪڏهن پرکڻو آهي ته هيٺين ڪسوٽيءَ جي آڌار تي پرکي سگهو ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱) جو ماڻهو جيئي سنڌو ديش (سنڌ زنده باده) ٿي خوش ٿئي اهو دوست آهي. جنهن کي انهي نعره تي چڙ اچي يا شرم ٿئي سو دشمن چئبو.

(۲) جو ماڻهو جيئي سنڌي قوم (سنڌي قوم زنده باد) تي خوش ٿئي، اهو دوست آهي، جو انهي نعره جي مخالفت ڪري يا ان تي ڪاوڙجي اهو دشمن سمجهڻ گهرجي.

(۳) جنهن ماڻهوءَ کي سنڌيءَ جي واحد سرڪاري ۽ قومي زبان بنائڻ تي خوشي ٿئي اهو دوست آهي. جو ماڻهو سنڌيءَ تي اردو کي ترجيح ڏئي، اهو دشمن آهي. بدقسمتي سان سنڌين ۾ دوست جي تميز گهٽ هئڻ ڪري مخالفن ۽ ڌارين جي ايجنٽن ۾ روز بروز اضافو ٿيندو وڃي.

مثلاً :

(۱) سنڌ جا ڪيترا ڏسٽا وائسٽا ماڻهو مخالف طاقتن کان مرعوب ٿي، مجلسن ۾ جتي ۹۵ سيڪڙو سنڌي ڇاڪاڻ موجود هجن ۽ صرف پنج سيڪڙو اردو دان حضرات هجن تہ انهن کي راضي ڪرڻ جي غرض سان اردوءَ ۾ تقرير ڪندا آهن. چي، 'هو سندن مافي‌الضمير سنڌيءَ ۾ پوريءَ طرح ادا ڪري نٿا سگهن.'

(۲) ڪيترا معتبر اهڙا به آهن جو سندن مجلسن ۾ ڪن شخصن جي زنده باد يا جيئڻ جا نعرا لڳن ٿا تہ خوش ٿين ٿا پر جي آتي کنهن جيئي سنڌ، جو آواز ڪڍيو تہ ڪاوڙ کان منهن ڪاڙهو ٿيو وڃين ڇو تہ کنهن کين گار ڏئي ڇڏي، انهي رويي مان حوصلو پرائي هڪ عالم کي ايتري قدر چوڻ جي جرئت ٿي تہ جيئي سنڌ معنيٰ 'مري پاڪستان.'

(۳) حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ڪيترن سنڌ جي مخالفن سنڌ جي دوستن طرفان ديوارن تي لکيل نعري "جيئي سنڌ" کي ڪاٽي ان جاءِ تي "صرف کهو جيئي پاڪستان" لکيو. ان تي سنڌي نسل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڪي اهڙا ۽ ساڻهو آهن جي رنج ٿيڻ بدران انهي لاءِ خوش ٿين ٿا جو انهن ڪي مخالفن وٽ مرغوب ٿيڻ جو شوق دامنگير آهي.

(۴) سنڌ جي ڪلچر ڪي منڍڻ لاءِ ڏارين ماڻهن سندن دور تسلط ۾ سنڌ جي ريلوي اسٽيشنن، سائين بورڊن، رستن، پٽرن وغيره تي اردوءَ ۾ نالا لکي ڇڏيا آهن، جي مضحڪ خيز ٿي ويا آهن ۽ رستن تان اڳيان نالا مٽائي ويا ٻاهرين جا نالا لکي ڇڏيا آهن. سنڌ جا ڪي صاحب اقتدار ۾ اچڻ بعد به سندن آقائن ڪي رضامند ڪرڻ لاءِ انهي ظلم جو سدباب نٿا ڪن.

(۵) سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخ جي رهاڪن ڪي باوجود زبان، وطن، ڪلچر، تواريخي روايتن، سياسي ۽ اقتصادي مفاد هڻڻ جي، قوم سڏڻ تي ناراض ٿين ٿا. ليڪن ۲۵ سال مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ايجاد ڪرده مسلم قوم جي نالي ۾ سنڌي قوم ڪي ختم ڪرڻ جي سازش ۾ شريڪ ٿيڻ ڪي عيب نٿا ڄاڻن.

(۶) سنڌ جي ڪلچر، سياست ۽ اقتصادي مفاد جي حفاظت لاءِ آواز آٿارينڊرن ڪي علائقائي تعصب رکندڙ پارٽ جا ايجنٽ سڏي ڪچلڻ جا درڪا ڏين ٿا. انهن ڳالهين تي غور ڪرڻ بعد اوهان سمجهي سگهندا تہ سنڌ ۽ لطيف جو مخالف ڪير آهي ۽ دوست ڪير آهي؟

صرف لطيف جي ميلي تي حاضري ڏيڻ ڪافي نہ آهي پر لطيف جي پياري سنڌ جي مذڪور بالا ڳالهين سان محبت رکڻ ضروري آهي.

هن وقت سنڌ دوراهي تي پهتل آهي. هڪ رستو تنزل ڏي ليندو ۽ ٻيو ترقيءَ ڏي. اهو اوهان تي ڇڏيل آهي تہ ڪهڙو رستو اختيار ڪريو.

آخر ۾ آءٌ اوهان کي چند شاهہ صاحب جا بيت ٻڌائي ان تي غور ڪرڻ لاءِ عرض ڪندس.

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين!
هٿي ڏاريا اهي شمار ڪبا جي ۲۵ سالن جي باوجود به سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پولي نہ سگيا آهن. شاه صاحب سنڌ کنهي ديس سڏيو آهي، ان ۾ رهاکن لاءِ محبت جي هدايت ڪئي آهي.

ڏريان ٿي ڏاريا، مٽ مٽيءَ جا نہ ٿيا!

هتي انهن ماڻهن جو ذڪر ڪري ٿو جي سنڌ ۾ رهڻ جي باوجود سنڌين ۾ سمائجي انهن جي زبان ۽ ڪلچر اختيار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن بلڪ ان کي ورهائڻ جا گهات گهڙي رهيا آهن.

حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو!

هتي وطن وسارڻ وارا اهي شمار ڪيا جي ڏارين جي مصنوعي انڪار- وطن تي ايجاد ڪيل نظرين ۾ گمراه ٿي هزارن ورهين جي سنڌو ديش کي وساريو ٿا.

اي نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون تي!

هتي شاه صاحب انهن ماڻهن کي مخاطب آهي جي ڏارين جي اقتدار ۽ عزت تي موهجي سنڌ ۽ سنڌين کي وسارڻ لاءِ تيار ٿين ٿا.

قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾!.

هتي شاه صاحب سنڌين کي ڏارين جي سياسي غلامي، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي هيٺ اچڻ جو احساس ڏياري ٿو.

جيها جي تيها، مون مارو مڇيا.

هتي شاه صاحب سنڌين جي ڪمپرس، ۽ ہين عيبن جي باوجود بنا شرط محبت جو اظهار ڪري ٿو.

منهن جي آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي؟

هتي شاه صاحب سنڌين جي سياسي غلامي اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي کان آزاد ٿيڻ جي دعا گهري ٿو.

شاه لطيف سنڌي هو. هن جا هيرو ۽ هيروئڻيون ۽ سنڌي هٿا موسل راڻو، عمر مارئي، ليلان چنيسر، سسي پنهون سڀ سنڌي ۽ غير مسلم هٿا. هن ڪڏهن ۽ مسلم قوم جو نالو نہ ورتو. دوستو!

ڇو تہ جيئي لطيف، جيئي سندس سنڌڙي، جيئن ان جا ماروں ۽ انهن جي مٽي سنڌي هولي جيئي سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي گشت وقت پهرين آگسٽ ۱۹۷۲ع تي رات جو ميرپور بٺوري ۾ ڪيل تقرير

—

عزيزو- اسلام عليڪم:

پوڙهپ ۽ سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ جي باوجود يوسف جي خريدارن جي لسٽ ۾ نالي لکائڻ خاطر اڇي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان.

حقيقت ۾ عزيزم حفيظ قريشيءَ جي تقرير کانپوءِ منهنجي تقرير جي ضرورت نه هئي. ليڪن اوهان جي اصرار تي چند الفاظ چئي رهيو آهيان.

آءٌ جڏهن به ميرپور بٺوري ۾ ايندو آهيان تڏهن سر زمين جو مون تي اڻ پوندو آهي. ڇونڊ پوي! هي شهر قديم سومرن جي گاديءَ، شاه عبدالڪريم بلڙي ۽ شاه عنايت صوفي جي مرڪز ۾ آهي.

سجاول وارو سيد حاجي عبدالرحيم شاه منهنجو سياسي سرپرست ٿي رهيو هو.

هن شهر جي رهاڪو سيٺ محمد جعفر خواجه ڪان مون سياست جا ابتدائي سبق سکيا هئا، تنهنڪري هتي رواجي سوالن تي گفتگو ڪرڻ جي عيوض اهم مسئلن تي روشني وجهان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريل ۳۰ سالن کان وٹي جي چند ڳالهيون سنڌ جي تباهيءَ جو باعث بنيون آهن ان مان مکيہ هي ڳالهہ آهي تہ مهاجر پنجابي مستقل مفاد اسان کي نظرياتي طور بي وقوف بنائي ڏوکو ڏئي گمراہ ڪيو آهي. اسان ڏسي وائسي ٻن قومن واري نظرئي کي مڃي پاڻ کي مصيبت ۾ قاسايو آهي.

ان گناهہ جو ٻين کان وڌيڪ آءٌ گناهہ گار آهيان.

اسان بنا سمجهہ سوچ جي نظرئي پاڪستان يا مسلمانن جي جدا قوم جي نظريہ ۾ اعتبار رکي وڏو ڏوکو کاڌو آهي.

ان نظرئي مطابق قوميت جو مدار عقيدن جي آڌار تي رکيو وڃي ٿو.

ڪو وقت هو جو دنيا ۾ عقيدن جي بنياد تي ٽهيل جماعتن کي قوم جي نالي سان سڏيو ويندو هو. جهڙوڪ: هندو قوم، ڪرستان قوم، مسلمان قوم وغيرہ. اهي جماعتون بين الاقوامي حيثيت رکندڙ هيون. انهن جو ڪنهن خطہ زمين، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد سان واسطو نہ هو.

تاريخ پڙهي ڏسندا تہ معلوم ٿيندو تہ مذهبن جي نالي ۾ صلح سانت جي عيوض بدامني ۽ فساد زياده ٿيا آهن.

اسان کي هندوستاني مسلم اقليت صوبن جي مسلمانن ۽ پنجابي مستقل مفاد طرفان ٻڌايو ويو تہ هندوستان هندو ۽ مسلمان ٻن قومن جو ملڪ هو.

اسان بہ عقل ۾ تجربي جي گهٽتائي سبب گمراہ ٿي وياسون. گهڻي تجربي بعد مس مس ساٺهن کي پتو پوڻ لڳو آهي تہ اهو نظريو غلط هو ۽ مذڪور بالا مستقل مفاد پاڪستان تي سنڌن تسلط قائم ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيو هو.

مذهبي بنياد تي قوم جو نظريو دنياوي حقيقتن جي خلاف ۽ تاريخي ڪسوٽيءَ تي بيڪار ثابت ٿيو آهي. اقوام متحده ان کي تسليم نہ ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ اسرائيل کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ملڪ ان ۾ اعتماد نٿو رکي.

پاڪستاني حڪومت ماٺهن کي ڏوکي ڏيڻ لاءِ مذهبي بنياد تي قوم جي نظرئي جو اظهار ڪري ٿي. ليڪن دنيا ۾ اقوام متحده ۾ پاڪستاني قوم سڏائي ٿي. اهي ٻئي ڳالهيون غلط آهن. نڪو مسلمان قوم جو وجود آهي، نڪو پاڪستان جا رهاڪو هڪ قوم آهن.

مسلمانن ۾ ۳۵ ڪن فرقا آهن. جن مان هرڪو پاڻ کي حق تي سڏي ۽ ٻين کي ناحق تي سڏي ٿو.

ڪجهہ وقت ٿيو تہ پنجاب ۾ قاديانين خلاف هلچل هلائي ويئي تہ هو مسلمان نہ آهن. جهنڪري فساد ٿيا ۽ ڪيتريون جانيون ضايع ٿيون. ان تي صوبي سان پاڪستان سرڪار مارشل لا ڪو ڪري بهترين ججن ، جسٽس محمد منير ۽ جسٽس رستم ڪياني تي مشتمل ٽريبونل مقرر ڪري فسادن جي ڪارڻن بنسبت انڪوائري ڪرائي ، انهي ٽريبونل ڪيترن مولوين جا بيان ورتا ۽ هنن کان پڇيو تہ مسلم قوم چا کي ٿو چئجي ۽ اسلامي نظام ڪهڙو ٿيندو آهي ؟

جج پنهنجي رپورٽ ۾ لکن ٿا تہ "اڪثر مولوين هڪ ٻئي جي خلاف ڳالهايو سپني جا خيال متضاد هئا. جيڪڏهين سپني جي ڳالهين تي اعتبار ڪبو تہ پوءِ ملڪ ۾ ڪوبہ ماڻهو صحيح مسلمان نہ رهندو."

مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو مذهب اسلام جي بنياد تي. وحدت خيال ۽ عمل جي آڌار تي ايجاد ڪيل هو. ليڪن ڇتائي ڏسبو تہ مسلمانن جو معاشرو مختلف خيالن ۽ عملن جو جرغفير آهي.

منجهن هڪڙا عالم ٻيا جاهل. هڪڙا زاني ، شرابي، چور ۽ ظالم هئا تہ ٻيا پرهيزگار، بااخلاق، منصف مزاج ۽ عادل هئا.

ان حالت ۾ وحدت خيال ۽ عمل يڪسان نہ هڻ ڪري هو ڪهڙي طرح واحد قوم سڏائڻ جا حقدار ٿي سگهن ٿا.

قرآن شريف ۾ لکيل آهي تہ بهشتي ۽ دوزخي ٻئي برابر نہ هئا يعني ڇڳا ۽ پرا هڪجهڙا ٿي نٿا سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علامہ عنايت الله مشرقي سندس تذكره ۾ انهي مسئلي ڏي لکيو آهي ته مسلم قوم جي اهڙي تشريح غلط آهي. چاڪاڻ ته اسلام جي صحيح سمجهاڻيءَ مطابق هر صالح ماڻهو مسلمان هوء پوءِ ڪٽي هو ڪهڙي ۾ مذهب سان واسطو رکندڙ هجي. ۽ هرغيرصالح ماڻهو غيرمسلم هوء ان لکڻيموجب دنيا جو هر صاحب اخلاق عيسائي، يهودي، هندو مسلمان شمار ٿي سگهي ٿو.

پر هتي جو استحصالي، ظالم ۽ بداخلاق مسلمان علامہ جي تعبير موجب مسلمان نہ هو.

هن قرآن شريف مان ثابت ڪيو ته "جيڪو ماڻهو الله جي وجود، انسان ذات جي روشن مستقبل (آخرت) ۾ اعتماد رکندڙ ۽ چڱا عمل ڪندڙ هو. اهو نجات جو حقدار هو.

ظالم، استحصالي ۽ چور کي صرف مسلمان سڏائڻ ڪري مسلم قوم جو فرد شمار ڪرڻ غلط هو. تنهنڪري مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو غلط ۽ غيرحقيقي هو. مذهب جي بنياد تي قوم جا نظريا فرسوده ٿي چڪا هئا تاريخ ان جي گواه آهي. اشوڪا ۽ ڏرم وارن کي مذهب جي نالي ۾ متحده ڪرڻ گهريو پر اهو تجربو ناڪام ثابت ٿيو.

هندن وڪرماجيت جي ڏينهن کان ويدڪ ڏرم جي بنياد تي ماڻهن کي متحد ڪرڻ گهريو پر ان ۾ ان پاڻ وڌيڪ ويڇا پيدا ٿيا.

هڪڙا اڇوت ۽ ٻيا پوتر سڏجڻ لڳا. جاتي ۽ ذيل انهيءَ نقطہ نگاه جي پيداوار آهن.

ان ڪانپوءِ ڪرستانن ماڻهن کي مذهب جي نالي ۽ پوپ جي اڳواڻي هيٺ متحد ڪرڻ گهريو، پر صليبي لڙايون ۽ باهمي جنگ جدال ان جا نتيجا نڪتا. مسلمان ۾ ان جو ڪيئي بار تجربو ڪري چڪا آهن پر ان جا نتيجا ڪنهن کان اڻڪل نہ آهن. رسول جي اولاد جي شهادت مذهب جي آڙ ۾ ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيعن ۽ سنين جا جهگڙا، مسلمان بادشاهن جي هٿان مسلمانن جو قتل تاريخ جو باب بنيل آهي.

مهدين ۽ ترڪ خليفن جيڪي اتحاد اسلامي ۽ ڪوششون ڪيون سڀ سڀ رائگان ويئون.

هاڻ ان آزمايل ۽ فرسوده نظريي کي ڏهرائڻ مان ڪو فائدو ٿيڻ وارو نہ آهي اسان ان ڏوکي هيٺ اچي ماٺهن کي برغلائي وڏو ڏوهہ ڪيو آهي.

ان ڏوهہ لاءِ خدا جي سامهون توبهہ تائب ٿيون ٿا. هاڻ آءٌ علي الاعلان ظاهر ڪريان ٿو تہ مسلمانن جي جدا گانہ قوم جو نظريو ڏوکو آهي.

قومن جو وجود عقيدن جي بنياد تي رکڻ غلط آهي، جو جو اهي بدلجي سگهن ٿا. قومون هزارن ورهين جي باهمي ميل ميلاپ بعد فطري طور پيدا ٿين ٿيون. ڪنهن خطہ زمين تي ڪيترا قبيلا ۽ ماڻهو گذر معاش جي ڳولا ۽ مختلف اسباب ڪري جدا جدا ملڪن مان لڏي اچي رهن ٿا. جي هزارن ورهين جي ارتقا بعد سندن جدا زبانون، ڪلچر، لوڪ ڪهاڻيون گڏي. هڪ زبان. هڪ ڪلچر ۽ ساڳيا سياسي ۽ اقتصادي مفاد اختيار ڪري قوم بنجن ٿا. اسان جي سنڌي زبان جو مثال وٺو. اها دراويدي، منگول، سامي، سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين جي الفاظ جو گڏيل مجموعو آهي. قومن جا پنج ورڻا ٿين ٿا.

۱- **وطن**- خطہ زمين ڪانسواءِ ڪابہ قوم وجود ۾ اچي نٿي سگهي.

۲- **ٻولي**- هر قوم کي پنهنجي ٻولي هئڻ ضروري آهي.

۳- **ڪلچر**- هر قوم پنهنجو ڪلچر پيدا ڪندي آهي.

۴- **تاريخي روايات**- هر قوم کي پنهنجون گذشتہ روايتون ٿيندیون آهن.

۵- **سياسي ۽ اقتصادي مفاد**- هر ملڪواري قوم سندس سياسي آزادي ۽ اقتصادي خوشحالي جي خواهان رهندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن ورڻن واري قومن کي اقوام متحده ۾ قبول ڪيو آهي. اسان جي ملڪ جي جملي خرابين ۽ مصيبتن جو ڪارڻ نظريہ پاڪستان آهي. يعني مذهب جي بنياد تي قومي وجود.

انهي نظرئي جي آڌار تي ڏاريا سنڌين جي مٿان سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبو رکيو ويٺا آهن.

آءٌ صاف ظاهر ڪريان ٿو تہ سنڌي وطن ، زبان ، ڪلچر، تواريخي روايات ، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي هڪ جدا قوم آهن. اسان نہ مسلم قوم آهيون نہ پاڪستاني قوم آهيون. بلڪ سنڌي قوم جا فرد آهيون.

قومون ۲۵ سالن ۾ نہ ٺهنديون آهن. پاڪستان کي نہ هڪ زبان آهي، نہ هڪ ڪلچر آهي، نہ ساڳيا تاريخي روايات آهن.

ان ۾ شامل ڪيل ملڪ ۽ ان جا رهاڪو اڪثري هڪ ٻين جي مخالف پيا رهيا آهن.

سنڌي ۾ چوڻي آهي تہ:

"جڏهين ڪڏهين سنڌڙي ، تـوکي قندارون جوکو"

"پنجابي هڪ تہ پائنج ڏون، جي ڏون تہ اهو جهڳو اهـو تون."

جيڪڏهين انهن خطن جي رهاڪن ۽ هم جنسي ۽ هم نوائي هجي ها تہ اهي چوڻيون نہ ٺهن ها:

بلوچ، پٺاڻ، پنجابي ۽ سنڌي جدا قومون آهن. قوم وڏي هجي يا ننڍي، سڀني کي اقوام متحده ۾ هڪ جيترو حق مليل آهي.

رشيا ، امريڪا ، انڊيا ۽ چين دنيا جون وڏيون قومون آهن ۽ انهن کي اقـوام متحده ۾ هڪ هڪ ووٽ مليل آهي. ۽ يمن ، ڪويت، جهڙين ننڍين قومن کي بہ هڪ هڪ ووٽ آهي.

اسان سنڌي مسلمان قـوم يـا پاڪستاني قوم انڪري سڏائڻ لاءِ تيار نہ آهيون جو انڪري پاڪستان جا رهاڪو هڪ قوم شمار ٿيڻ سبب سنڌي اقليت ۾ ٿي پنجابي اڪثريت جي ماتحت ٿي پوندا. اسان بنيادي غلطـي ڪري پـاڪستان قـائـم ڪرايـو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تر جي گئي سئو چوٽون ڪائي" هاڻ ان جو نتيجو پوڳي رهيا آهيون.

هاڻ اسان جي قومي وجود کان انڪار ڪيو وڃي ٿو. تنهنڪري اسان کي صاف چوڻ گهرجي ته پاڪستان ڇڻ قومن جو ملڪ آهي.

جيڪڏهن سڀني کي گڏ رکڻو اٿو ته نظريه پاڪستان جي ڏوکي کي وري نه ڏهرايو. ڪنهن سان پائيواري هلي نه سگهندي. صحيح مومن ٻيو دفعو ڏوکو نه ڪائيندو آهي.

اسان سچ چوندا رهنداسون. سچل سرمست فرمايو آهي ته:

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه، وٽي،
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم ٻڌي نه، ٻڌي.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ مون کي سچ چوڻ ڪري ۱۳ سال جيل يا نظربنديءَ ۾ رکيو ويو آهي. زندگي خبر نه آهي ڪيتري آهي. آءٌ خدا ۽ سنڌين ۽ انسانذات اڳيان شرمسار ٿيندس. جيڪڏهين لالچ يا ڊپ ڪري جنهن گاله کي سچ سمجهان ٿو، ان کي لڪايان.

جيڪڏهين هن وقت به پاڪستان جي بنيادي غلطيءَ کي درست نه ڪيو ويو ته آمريڪا جا مليل هٿيار، سامراجي وارن جون فتوائون، قيد ۽ نظربنديون، بينگال جهڙا قتل عام پاڪستان کي بچائي نه سگهندا.

اسان کي دنيا جي حقيقتن کي مدنظر رکي ان موجب هلڻ گهرجي. وقت آيو آهي ته نظريه پاڪستان کي ڦٽو ڪري پاڪستان کي ڇڻ قومن جو ملڪ تسليم ڪجي.

اسان جدا قوم ۽ ملڪ سڏائڻ بعد باهمي تعاون ڪري سگهون ٿا جهڙي طرح جرمني، فرانس، انگلينڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ملڪ پاڻ ۾ وڙهڻ بعد هاڻ تعاون ڪري رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح سنڌين کي سندن حق ڏيڻ بعد کين پاڪستان ۾ شامل رکي سگهجي ٿو. پر انهن کي زوريءَ اڪثريت جي ماتحت رکڻ هڪ قسم جي جدا ٿيڻ لاءِ ترغيب ڏيڻ جي برابر آهي.

پروارا مسلمان ملڪ ڏسو. عرب باوجود هڪ ٻولي ڳالهائڻ، هڪ مذهب رکڻ جي به گهر گهر جدا آهن. ڪويت، يمن، لبنان، عراق، شام، مصر، اردن ۽ سوڊان سڀ ملڪ علحده آهن. اسلام ۾ مڃڻ جي باوجود به هو ڪڏهن نٽا گهرن.

اسان مسلمان ٿيڻ ڪري ڪهڙو ڏوهه ڪيو جو پنهنجي جدا گانه قوميت کي ختم ڪري مهاجر پنجابي سامراج جي ماتحت رهون.

خود پاڪستان جي لاهور واري ٺهراءَ مطابق به سنڌين کي آزاد ۽ خودمختيار رياست جو حق ملڻو هو. پر هاڻ چو اها آزادي، اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ سلب ڪئي وڃي ٿي.

هاڻ اسان سنڌين لاءِ ٻه رستا ڪليل آهن.

هڪ ته اسلام ۽ پاڪستان جي ڏوڪي هيٺ مهاجر پنجابي سامراج جي غلاميءَ هيٺ رهي ريڊ انڊين وانگر ختم ٿي وڃون.

ٻيو ته پنهنجي پيرن تي بيهي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي زندگي اختيار ڪريون.

هڪڙو اونڌو جو رستو آهي ٻيو سوجهري جو.

جدا قومن ۾ ان خود شناسيءَ جو احساس ختم ٿي وڃي ٿو. اهي صفحه هستيءَ تان ميٽجيو وڃن.

هي بقائي اصلح جو زمانو آهي. ان ۾ صالح قومون زنده رهنديون ۽ ناصالح فنا ٿي ويندیون.

جيڪڏهين اوهان ڪمزور ۽ نااهل آهيو ته اوهان ختم ٿي ويندا ۽ اوهان جي جاءِ ٻيون قومون اچي پريندیون.

اوهان تاريخ جي ان موڙ تي پهتا آهيو جتي عقل ۽ همتوارا لکها ماڻهو اوهان تي اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نعرن سان سياسي تسلط ۽ اقتصادي استحصال لاءِ اچي نازل ٿيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنازع للبقا جو ميدان آهي. هاڻ ڪٽو يا هارايو. اهو موقع اٿو.
مون کي نهايت ارمان ٿيندو جيڪڏهين اوهان پنهنجي پنجن هزارن ورهين جي قومي ورثن جي باوجود، جنهن کي نه ايراني، نه يوناني، نه عرب، نه مغل ۽ نه انگريز مٽائي سگهيا. سوڙهين پٽلونن ۽ پان ڪائڪن هٿان شڪست ڪائي وڃو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو جهنبو بلند رهندو

[سنڌ جي‌سائين، سنڌ جي عظيم فرزند ۽ ايشيا جي عظيم مفڪر محترم جي. ايم. سيد ۳ آگسٽ تي ۱۲ بجي پرڪڙي هائوس ۾ هڪ يادگار اجتماع ۾ هيءَ تاريخي تقرير ڪئي.]

حيدرآباد ۳ آگسٽ جيئي سنڌ محاذ جي رهنما محترم جي‌ايم‌سيد اڄ چيو تہ اردو دانن رات منهنجي مٿان جيڪو قاتلانہ حملو ڪيو تنهن ۾ پنجاب جو عظيم فرزند دوست محمد پراچہ شهيد ٿي ويو. پراچہ مرحوم هميشہ بلا شاه ۽ لطيف جي پيغام جي اتحاد لاءِ زور ڏيندو رهيو هو. پر هن ڏٺو تہ شايد منهنجي ناچيز ڪوشش ڪو نتيجو پيدا ڪري نہ سگهي. انهيءَ ڪري هن انهيءَ اتحاد کي پنهنجي رت سان زنده ڪيو آهي.

هاڻي سنڌ ۽ پنجاب جو اتحاد، لطيف ۽ خواجہ فريد جو سنگم ناقابل شڪست آهي، ڇو ان جي جڙ ۾ هڪ شهيد وفا جو مقدس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت شامل آهي. محترم سيد صاحب چيو تہ سنڌ دشمنن ائين سمجهيو آهي تہ جي - ايم - سيد کي ختم ڪرڻ سان سنڌ جو آواز ختم ٿي ويندو ۽ پوءِ هن وقت سنڌ جي گهر گهر ۾ جي - ايم - سيد پيدا ٿي چڪا آهن.

جي- ايم- سيدصاحب، زبان جي بل متان جاري ڪيل آرڊيننس تي سخت نڪته چيني ڪندي هن ڪالهه تي حيرت ظاهر ڪئي تہ پٽي صاحب پنهنجي اقتدار جو مدو ۾ چار مهينا وڌائڻ لاءِ سنڌ جي دشمنن جا هٿ مضبوط ڪيا. سيد صاحب چيو تہ مون هميشه ٻڌايو آهي تہ اردو ڪالهائيندڙن پاڪستان کي قبول نہ ڪيو آهي ۽ نہ ورې اهي سنڌ جي سرزمين جا وفادار آهن. ۽ هاڻي سنڌي سڃاڻ ٿي چڪا آهن ۽ هيءَ سنڌن حق آهي تہ سنڌي زبان کي پوري ريت سنڌ جي واحد سرڪاري ٻولي بنائين. هاڻي وڌيڪ سنڌين کي دٻائي نہ سگهبو. جناب جي- ايم- سيد چيو تہ جيڪڏهن موجوده سنڌ کي ڪٽي ڪ الگ صوبو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ ان جو سخت مقابلو ڪيو ويندو. اسان سنڌ ۾ ڪو اسرائيل ٺاهڻ جي اجازب هرگز نہ ڏينداسين ۽ نہ هن صوفين ۽ پرهيزگارن جي سرزمين تي ڪو محمدپور ۽ ميرپور (بنگال ۾ پناهگيرن جون ۾ ڪالونيون) برداشت ڪيو ويندو. پنهنجي تقرير ۾ محترم سيد صاحب چيو تہ ذاتي فائدا رکندڙن هميشه سنڌ کي لٽيو آهي، ۽ اهڙي حالت تي پهچايو آهي جو اڄ سنڌ کي پنهنجي وجود کي بچائڻ جي جنگ ڪرڻي پئي آهي. سيد صاحب فرمايو تہ وڏي افسوس جي ڪالهه آهي جو سنڌ جي مشڪلات ۽مصيبتن کي ختم ڪرڻ ۽ هڪ پاڪستان جي دائري ۾ رهي ان کي قانوني حيثيت ۽ مقام ڏيڻ بجاءِ ان جي حدن کي بدلايو پيو وڃي، ۽ هن ڪالهه جون ظاهر ظهور نشانيون موجود آهن تہ حڪومت ۽ سنڌ جا دشمن سنڌ جي خلاف گهرين سازشن ۾ مصروف آهن اهي حالت ۾ منهنجو فرض آهي تہ آءٌ سنڌ جي عوام کي انهن سازشن کان واقف ڪريان.

جيڪڏهن بنگلاديش ۾ هو اردوءَ کي سرڪاري زبان بنائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ظالمانہ مطالبو نہ ڪن ها تہ بنگلا ديش اڄ ۽ پاڪستان جو حصو هجي ها، ۽ اتي ايترو قتل عام نہ ٿئي ها. ائين ٻيو ڏسجي تہ ائهن ماڻهن هاڻي پنهنجو ڏيان سنڌ ڏانهن ڪيو آهي. سيد صاحب چيو: هوليءَ تي هنگاما نہ رکو ظالمانہ پر مجرمانہ هئا. جن لاءِ ڪو جواز تہ هو. بل ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ هئي جيڪا اردوءَ وارن لاءِ خوف جو سبب بنجي. اهو بل هڪ اهڙي قانوني شيءِ هو جنهن کي هاڻ مان ايڪونجاه جمهوري طريقي سان چونڊيل اسيمبلي ميمبرن پاس ڪيو هو. هالانڪ انهيءَ بل ذريعي سنڌ جي عوام جو اهو مطالبو پورو ٿي نہ ٿيو تہ سنڌيءَ کي سنڌ جي واحد سرڪاري زبان بنايو وڃي. انهيءَ بل سان انهيءَ مطالبي جو صرف هڪ حصو پورو ٿيو ٿي. پر مون کي افسوس آهي تہ اردوءَ جا ڳالهائيندڙ، هن ڌرتيءَ جي فرزندن کي ايتري رعايت ڏيڻ لاءِ به تيار نہ آهن! انهن پنهنجي منصوبي کي پورو ڪرڻ لاءِ هر قسم جي غنڊہ گردي ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏک ڏيندڙ ڳالهہ هيءَ هئي. تہ هو سنڌ جي اندر جارح رهيا ۽ حالت اها آهي جو هنن سنڌين کي جيڪي زخم رسايا، تن مان هو مطمئن نہ آهن، بلڪ پنهنجي غنڊ گرديءَ کي جائز ثابت ڪري، سنڌين جي ڪنن تي لوڻ ڀرڪي رهيا آهن. مونکي حيرت آهي تہ صدر يڪي رکو پنهنجي اقتدار جو وقت وڌائڻ خاطر سنڌ جي دشمنن ۽ مفاد پرستن جا هٿ وڌيڪ مضبوط ڪيا.

آءٌ مجبور آهيان هن ڳالهہ تي تہ پنهنجي عوام کي ٻڌايان تہ راولپنڊيءَ ۾ صدر يڪي طرفان ڪوٺايل 'مذاڪري' ڪانپوءِ گورنر سنڌ جيڪو آرڊيننس جاري ڪيو آهي، ان مان سنڌين جي حقن کي زبردست ۽ ناقابل تلافي نقصان پهتو آهي. جنهن مقصد لاءِ سنڌين طويل جدوجهد ڪئي هئي ۽ متعدد جانيون قربان ڪيون هيون.

انهيءَ آرڊيننس ذريعي سنڌ کي "ون زبانن" وارو صوبو تسليم ڪيو ويو آهي، جنهن کي ڪو به سنڌي ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. انهيءَ آرڊيننس جو سڀ کان وڌيڪ پياڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀلو هي آهي ته انهيءَ ذريعي صدر پٽي هڪ اهڙو هٿيار اردو ڳالهائيندڙن جي هٿ ۾ ڏنو آهي، جنهن جي ذريعي هو ڪراچيءَ کي باقي سنڌ کان ٽوڙڻ جي منصوبي تي ڪم ڪندا رهن.

سيد صاحب چيو ته، هن سان ڪوبه فرق پيدا نٿو ٿئي ته صدر صاحب ڪراچيءَ جي جدائيءَ جي ڪيتري مخالفت ڪري ٿو. چوته اردو ڳالهائيندڙ پنهنجي انهيءَ پراڻي مطالبي تان هٽ نه ڪٽندا.

جيئي سنڌ جي معمر رهنما چيو ته، آرڊيننس جي اها توجيهه نه رکبو منهنجي آهي، پر شاه فريدالحق ۽ ڊاڪٽر قريشيءَ جي تازن بيانن منهنجي انهيءَ نڪتي کي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ۽ انهن سيني شڪ شبهن جي تصديق ٿي ويئي آهي. ٻيو بدترين مثال جيڪو هن آرڊيننس جي ذريعي قائم ٿيو آهي، سو هيءَ آهي ته سنڌ ۾ اقتدار اسيمبليءَ وٽ نه، پر ڪن پاڙي تي هلڙ بازي ڪندڙن وٽ آهي. هي آرڊيننس سنڌ اسيمبليءَ جي منهن تي هڪ بي شرمائيءَ واري ’چماٽ‘ آهي. انهيءَ اسيمبليءَ جي منهن تي، جنهن جي گهٽائي صدر پٽي جي پنهنجي پارٽيءَ جي ميمبرن تي مشتمل آهي. مظاهرا ڪندڙن جي سامهون هٿيار ڦٽا ڪري، صدر پٽي سنڌين سان کيل واعدن سان غداري ڪئي آهي.

سنڌي نيشنلزم جي قائد چيو ته، صدر پٽو اردو ڳالهائيندڙن جي حمايت حاصل ڪرڻ گهري ٿو، ليڪن اهي ماڻهو، جيڪي انهيءَ سر زمين سان غداري ڪري سگهن ٿا، جنهن انهن جي پرورش ڪئي، سي پٽي سان ڪيئن وفادار ٿي سگهن ٿا؟

سيد صاحب چيو ته آءٌ مستقبل ۾ سنڌ لاءِ وڏيڪ پريشانيون ڏسي رهيو آهيان، جڏهن بنگلاديش کي تسليم ڪرڻ جو معاملو قومي اسيمبلي ۾ پيش ٿيندو، مونکي خطرو آهي ته صدر پٽو رجعت پسندن کي خوش ڪرڻ ۽ بنگلا ديش کي تسليم ڪرڻ لاءِ انهن جي حمايت حاصل ڪرڻ ۽ ووٽ وٺڻ لاءِ سنڌين خلاف ظالمانه اقدام کندو. صدر صاحب جي موجوده پاليسيءَ جو مقصد اردو ڳالهائيندڙ ناقابل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعتبار ماڻهن جون وفاداريون حاصل ڪرڻ آهي. حالانڪ هن وقت جڏهن ته صدر صاحب پنهنجو پاڻ کي ڪمزور ثابت ڪري چڪو آهي.

اردو ڳالهائيندڙ پنهنجي هر ڳالهه تشدد جو مظاهرو ڪري حاصل ڪري سگهن ٿا. ويجهڑائيءَ ۾ اهي ماڻهو بنگلا ديش جي بهارين کي هتي آڻڻ جو مطالبو ڪندا ته جيئن هو سنڌ ۾ پنهنجي آبادي وڌائي هن زمين جي اصل فرزندن کي ٻوزائي ۾ تبديل ڪري سگهن. سونڪي خطرو آهي ته ٻئو انهيءَ لاءِ پهرين کان ئي تيار ٿي ويو آهي.

سنڌي اڳ ۾ ئي پناهگيرن هتان ڪافي ڪجهه پوگي چڪا آهن ۽ هاڻي هو بهارين جو آڻڻ ڪنهن به قيمت تي برداشت نه ڪندا. آءٌ مخلصانه تجويز پيش ڪندس ته سنڌين کي هاڻي وڌيڪ تنگ نه ڪيو وڃي، ورنه سنگين نتيجا نڪرندا. سنڌ جي قومي رهنما چيو ته سونڪي انهن بنگالي سرڪاري ملازمن جي حالت تي ڏڪ ٿو ٿئي جن بنگلاديش وڃڻ لاءِ پنهنجي رضامندي ڏيکاري آهي. انهن ماڻهن جي بيان مطابق انهن کي نوڪرين مان ڪڍي سندن پگهار روڪيا ويا آهن. جنهن ڪري کين شديد مشڪلات کي منهن ڏيڻو پيو. ان ڪري آءٌ مطالبو ٿو ڪريان ته انهن ماڻهن کي بنگلاديش وڃڻ تائين مناسب الائونس ڏنو وڃي. هي هڪ خالص انساني مسئلو آهي، جيڪو نه صرف پاهريـن دنيا ۾ اسان جي پوزيشن کي متاثر ڪندو پر آئيندہ لاءِ اسان جي لاڳاپن تي به اثر وجهندو. بنگلاديش ۾ گذريل سال جي واقعن ۽ حادثن اسان کي اڳي ئي ڪافي بدنام ڪيو آهي، وڌيڪ بدنامي اسان برداشت نه ڪنداسين.

جناب شاهه صاحب چيو ته هاڻي سنڌي سڄاڻ آهن. هو اڪيئي گهٽو ڪجهه پوگي چڪا آهن. سنڌيءَ کي سنڌ جي واحد سرڪاري زبان بنائڻ سنڌين جو حق آهي، جنهن کي هو جلد يا دير سان ضرور حاصل ڪندا. هاڻي انهن کي وڌيڪ دٻائي نٿو سگهجي.

تحريڪ آزادي جي پوڙهي جرنيل چيو ته آءٌ سنڌ جي دوري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وڃي رهيو آهيان تہ سڌين کي سنڌ جي دشمنن جي ناپاڪ ارادن کان واقف ڪريان . ٿي سگهي ٿو تہ حڪومت منهنجي راهہ ۾ رکاوٽون وجهي، ليڪن انهيءَ ڪاليءَ ڪانءَ ڊيڄاڻ نہ آهيان. جيڪڏهن مون کي ڪجهہ ٿي ويو تہ سنڌ جي استقلال جي جدوجهد جو جهنڊو منهنجي ڪنهن ٻئي ساٿيءَ جي هٿ ۾ هليو ويندو جيڪو مقصد حاصل ڪرڻ تائين بلند رهندو. انشاء الله تعالي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اجلاس (۴-۳-۱۹۷۳) منعقده حاجي عبدالله هارون ڪاليج ڪراچي

عزيز دوستو!

ڪراچيءَ جو شهر هن وقت تائين قريباً ڏاريون ڀيو معلوم ٿئي ان ۾ اوهان جي هيڏي ميڙ ۾ اتساهه منهنجي دل کي خوش ڪيو آهي.

هن موقعي تي چند ڳالهيون اوهان جي ڏيان تي آڻڻ گهران ٿو اميد ته اوهان ان تي توجهه ڏيندا. سوال ٿئي ٿو ته ملڪ جڏهن نازڪ دور مان گذري رهيو آهي، اوهان شاگردن ۽ دانشورن کي چا ڪرڻ گهرجي.

ان لاءِ جدا جدا ماڻهن طرفان هيٺيان رستا ڏسيا وڃن ٿا:

(۱) ڪن جو چوڻ آهي ته موجوده حڪومت جي سنڌ دشمن پاليسين بابت عوام کي واقف ڪري سنڌ جي حقن جي حفاظت ۽ حصول لاءِ ماڻهن کي تيار ڪرڻ گهرجي.

(۲) ٻين جو چوڻ آهي ته اسان جي ساري پست حاليءَ جو باعث مهاجر پنجابي مستقل مفاد هو انڪري انهن جي استحصال کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(۳) ٽين جو چوڻ آهي، سرمائيدار، زميندار ۽ ڪاموري طبقي ملڪ جو زت چوسي ڇڏيو آهي، انهن جي چنبي کان آزادي حاصل ڪرڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنجي راءِ موجب اوهان کي هن وقت انهي ڳالهين ۾ان هڪ طرف توجهه ڏيڻ جي عيوض هيٺين ڳالهين طرف ڏيان ڏيڻ گهرجي:

(۱) هڪ مخلص ڪارڪنن جو گروهه پيدا ڪري سنڌ جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ ڪين تعليم تربيت ڏئي ساري سنڌ جي ڪثير تعداد شاگردن ۽ دانشورن کي همخيال بنائڻ جي ڪوشش ڪجي.

(۲) ان واسطي ڪارڪنن ۾ ذهني تبديلي آڻي اخلاقي قدر سيکاريا وڃن.

پوءِ ڪارڪنن کي ٻن گروهن ۾ ورهائي ڪم ڪرڻ گهرجي.

هڪڙو گروهه شاگردن ۽ دانشورن کي همخيال بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪري.

ٻيو گروهه دل و جان سان پڙهي مستقبل ۾ ملڪي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ تيار ٿئي.

جيڪي ڪارڪن ٻين کي همخيال بنائڻ جو ذمون کڻن تن کي ملڪي مسئلن بابت پنهنجا ذهن صاف ڪرڻا پوندا.

جن مسئلن بابت اوهان کي پنهنجا ذهن صاف ڪرڻا آهن سي هيٺيان ٿي سگهن ٿا:

(۱) قوم جي مختلف نظرين جي معلومات حاصل ڪري صحيح نتيجن تي پهچڻ.

(۲) اسان جو وطن ڪهڙو آهي؟ ان جا اسان تي ڪهڙا حق آهن! ان تي راءِ قائم ڪرڻ گهرجي.

(۳) ملڪ جي قومي زبان ڪهڙي هڻڻ گهرجي؟ ان جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ ڪهڙا قدم کڻڻ ضروري آهن؟

(۴) اسان جو ڪلچر ڪهڙو آهي؟ ان جي تحفظ ۽ فروغ لاءِ چا ڪجي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۵) آئين سازيءَ ۾ ڪهڙيون ڳالهيون بنيادي آهن؟ ڪهڙيون فروعي آهن؟

(۶) ڪهڙا ساماجي مفاد اسان جو استحصال ڪري رهيا آهن ان جي سدباب لاءِ ڪهڙا رستا اختيار ڪرڻ گهرجن؟

(۷) قوم پرستي يا نيشنلزم ڇا کي چئجي ٿو؟ ان جي راهه ۾ ڪهڙيون رڪاوٽون آهن؟

(۸) سيڪيولر ۽ مذهبي نظام حڪومت جي وچ ۾ تفاوت ۽ انهن جا نفعا ۽ نقصان؟

(۹) صحيح جمهوريت ڪهڙي ٿيندي ۽ ان جي حصول لاءِ ڪهڙا طريقا موثر ٿي سگهن ٿا؟

(۱۰) سوشلزم ڇا آهي؟ اسلامي سوشلزم ۽ ڪا ٿيندي آهي؟ سوشلزم ڪهڙي طرح ۽ ڪڏهن رائج ڪري سگهبي؟

(۱۱) اسلامي آئين ۽ نظام جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ اهي موجوده دور ۾ رائج ٿي سگهن ٿا يا نه؟ جي ها ته ڪهڙيءَ طرح؟

(۱۲) سنڌو ديش جي معنيٰ ڇا آهي؟ ان جي مخالف ۽ موافق دليل، ان جا فائدا ۽ نقصان؟

(۱۳) سياستدانن جا ڪيترا قسم آهن؟ انهن جي مختلف قسمن جي تشريح ۽ پيٽ يا موازنو؟

(۱۴) سنڌي قوم جي ثبوت ۾ دليل، ان جي فائدي جون ڳالهيون ۽ ان جي راهه ۾ رڪاوٽون؟

(۱۵) پاڪستان ۽ سنڌ جي وچ ۾ ڪهڙا تعلق هئڻ گهرجن؟

(۱۶) پاڪستان جي موجوده سياسي پارٽين جا مقاصد ۽ سندن سنڌي مفاد لاءِ ڪار منصبي (رول) ڪهڙو آهي؟

(۱۷) موجوده حڪومت جي پاليسي ۽ ڪردار کي سنڌي مفاد جي آئيني ۾ پرکڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۸) ٻاهريان حڪومتن جهڙوڪ آمريڪا، چين، روس، يارت ٻاٻت اسان جي پاليسي ۽ روش ڪهڙي هئڻ گهرجي؟

(۱۹) ٻڌ اسلامزم ڇا آهي؟ ان جا فائدا ۽ نقصان؟

(۲۰) سياسي اخلاق ڇا آهي ۽ اهو ڪهڙيءَ طرح اختيار ڪري سگهبو؟

اوهان مان شاگرد ۽ دانشور ڪن جاين تي ڪڏ يا هفتي ۾ ٻ دفعا مذڪور بالا سوالن تي بحث مباحثو ڪري انهن جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. جي ڪنهن فيصلي تي پهچي نه سگهن تہ پختو داغ سياسي مفڪرن کان معلومات حاصل ڪن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلم هاسٽل حيدرآباد ۾، ۴ مارچ ۱۹۷۳ع شام ڌي شاگردن جي جلسي کي خطاب

عزيز دوستو:

گذريل سال جي موقعي ٽي مون سنڌي مطالبن جو چارٽر توهان جي معرفت حڪومت پاڪستان جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو.

ان کي ڀارنهن مهينا گذري ويا آهن تہ، نہ سرڪار ان جي پورائيءَ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي نہ اوهان ٽي ان جي حصول لاءِ ڪو ڪار نمايان ڪيو آهي. اسان جتي جو تتي آهيون. رواجي طرح دنيا ۾ اهو دستور ٽي ويو آهي تہ هر مسئلي جي خامي ۽ ڪوتاهي جو ٻار ٻنهنجي عيوض ٻين تي اڇلايو وڃي ٿو. ممڪن آهي اسان وري ساڳي غلطي ڪريون،

هن وقت تائين ملڪ ۽ قوم جي ڪوتاهين جو ڪارڻ ٻن ڏرين کي قرار ڏنو ويو آهي:

۱. حڪومت وقت،

۲. استحصالي طبقو.

هن دفعي آءٌ اوهان جو توجه انهن ٻنهي تي ٻوجو وجهڻ جي عيوض ٻنهنجي ڪوتاهين طرف ڏيارڻ ٿو. قرآن ۾ آهي تہ

"ان الله لا يغير ما بقوم حتي يغيروا ما في بانفسكم"

(يعني ـ خدا سائين ان وقت تائين ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلائي جيستائين ان ۾ پنهنجي حالت بدلائڻ جو مادو پيدا نہ ٿيو آهي.)

آءٌ تسليم ڪريان ٿو تہ اسان قدير سنڌ جي رهاڪن جي حالت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پست پيل آهي، آسان کي تعليم، تندرستي، جاءِ رهائش، گذر معاش جي ذريعن جهڙوڪ زمين، ڪارخانن، واپار، نوڪرين وغيره ۾ حسب دلخواه سهوليتون ميسر ٿي نه سگهيون آهن. هاڻ سوال آهي ته ان لاءِ جوابدار ڪير آهن؟

هن وقت تائين مون اوهان ۾ قوت مقابلہ پيدا ڪرڻ واسطي بار بين تي ٻڌي اڇلايو آهي، ۽ هاڻي جڏهن مونکي اوهان ۾ ان ڪن جي صلاحيت ۽ قرباني جي جذبي جو يقين پيدا ٿيو آهي، تڏهن توهان کي تصوير جو ٻيو رخ ڏيکارڻ کان نٿو هٻکان.

دنيا بقائي اسلح جي جدوجهد ۾ مشغول آهي. هر فرد، هر جنس، هر قوم ۽ ملڪ زندگيءَ جي بقا لاءِ مقابلي ۾ رڌل آهي. اسان سنڌ جا قديم باشندا ۽ ان عام قانون کان مستثنيٰ ٿي نٿا سگهون.

برصغير جي ورهاست ۽ پاڪستان جي قيام بعد اسان کي گهڻن آسرن ۽ اميدن ۾ نا اميدي نصيب ٿي آهي.

ڪو وقت هو جو اسان سنڌي عوام جي مشڪلاتن جو باعث هندو مستقل مفاد کي سمجهندا هئاسون. ليڪن ان جي هڻ بعد ۽ حالتون درست نه ٿيون ته پنهنجي راءِ بدلي ملڪ جي جدا جدا حڪومتن جي ڪارڪنن کي پست حاليءَ لاءِ جوابدار سمجهڻ لڳاسون. ۲۴ سالن ۾ ۱۱ مرڪزي حڪومتون تبديل ٿيون آهن، ۽ انهن جي تبديليءَ سان ۽ ملڪ جون حالتون نه سڌريون آهن.

سنڌين سان ڪيترا سنڌي انهيءَ پست حاليءَ جو ڪارڻ زميندار، تاجر، ڪاموري، پيرَ ۽ ملا کي سمجهن ٿا ته ٻيا ٻاهران آيل مهاجر، پنجابي مستقل مفاد کي ان جو باعث شمار ڪن ٿا، ته ٽئان سورهو ٻاهرين سامراجي حڪومتن جي دست اندازيءَ کي ان لاءِ جوابدار ٺهرائين ٿا. اڄ آءٌ اوهان کي اندر ۾ جهاتي ٻائي صحيح حقيقت سمجهڻ لاءِ توجه ڇڪائيندس.

جي انهيءَ پست حاليءَ جو ڪارڻ رڳو هندو مستقل مفاد هجن ها ته انهن جي وڃڻ بعد حالتون درست ٿي وڃن ها، پر حالتون نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌرڻ ڪري اسان ڇڻي سگهون ٿا تہ ساري خرابيءَ جو باعث صرف اهي نہ هٿا. جي انهيءَ اسان جي پستيءَ جو ڪارڻ پاڪستان جون حڪومتون هجن ها تہ حڪومتون تبديل ٿيندڙيون رهيون آهن، انهيءَ تبديليءَ بعد حالتن ۾ ڦيرو اچڻ گهرجي ها، پر نہ آيو آهي تنهنڪري رڳو انهن کي جوابدار ٺهرائڻ ۾ صحيح نہ ٿيندو.

اهڙا گهاڻا برابر آهي تہ ۲۰ لک مهاجر ۸ لک پنجابي ۱۰ لک پٺاڻ ٻاهران لڏي اچي سنڌ جي معيشت تي حاوي ٿيا آهن.

انهن جي اچڻ ڪري اسان جي زمين، واپار، ڪارخانن، نوڪرين ۽ پين سياسي ۽ اقتصادي گهاڻين تي بلاشبہ اثر پيو آهي.

پر اسان کي ڏسڻو آهي تہ اهي زور سان هتي آيا آهن يا فطري قانون مطابق ڪنهن خال ۾ ڪرڻ لاءِ آيا آهن.

جيڪڏهن ڪنهن خال ۾ ڪرڻ لاءِ نہ آيا هجن ها تہ بروقت تصادم ٿئي ها پر اهو نہ ٿيو ۽ هو ماڻ مٽيءَ ۾ معاشري ۾ سمائجي رهيا آهن.

هاڻ بقائي اصلح جي قانون مطابق اسان کي سندن مقابلي ۾ جڏهن پنهنجي پست حالي جي پروڙ پوڻ لڳي آهي تڏهن حسب عادت ڏوهہ مٿن اڇلايون ٿا بهتر اهو ٿيندو تہ اندر ۾ جهاتي پائي پنهنجو قصور ۽ ڏسون.

هندو مستقل مفاد اسان جي عوام جو استحال چو ٿي ڪيو. اسيمبليءَ ۾ ميمبر تہ سنڌي مسلمانن جا گهٽا هٿا. جيڪڏهن ذاتي اقتدار ۽ مفاد خاطر سنڌي مسلمان ميمبر پاڻ ۾ وڙهي هندو ميمبرن جا محتاج ٻڌيا تہ ان ۾ ڏوهہ نہ صرف وڏيرہ ڪلاس مسلمان ميمبرن جو هو پر مسلم ووٽرن جو ۽ هو جن کين چونڊي موڪليو ٿي. ووٽر واقعي سياسي شعور کان عاري هٿا. ڪڏهن پير جي نالي ۾، ڪڏهن سردار ۽ زميندار جي اثر هيٺ، ڪڏهن پئسي جي لالچ تي، ڪڏهن اسلام جي نالي ۾، ڪڏهن عوام جي دوکي هيٺ گمراهہ ٿي ووٽ پي ڏنا آهن. پر اسان جي مڊل ڪلاس ۽ پڑهيل طبقہ چا ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڊل ڪلاس ۾ سنڌي ڪامورا، نندا واپاري، ڊاڪٽر، وڪيل وغيره اڄي ويٺا. پڙهيل ۽ دانشور طبقي ۾ شاگرد، اديب، استاد ۽ صحافي وغيره شامل هئا.

اڇو تہ نظر پائي ڏسون تہ انهيءَ معاملي ۾ هن ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. اوهان چتائي ڏسندا تہ هئن جو نہ ذهن صاف هو نہ اخلاق درست هو.

ذهن جي صاف نہ هئڻ ڪري هنن مسلم ليگ ليڈرن کي اسلام جو علمبردار تسليم ڪيو ۽ پيپلس پارٽي جي ليڈرن کي عوامي نمائنده شمار ڪيو.

اخلاق جي درستي نہ هئڻ ڪري هنن ابتدا کان ولي هر صاحب اقتدار گروه جي پوئلڳي ڪري پنهنجا مقصد حاصل ڪيا آهن. رشوت خوري، بليڪ مارڪيٽي، ذخيره اندوزي، نوڪرين جو حصول، خوشامد سندن مکيه ڪارنامو هئا.

اهي ٽي ڪارڻ آهن جنهنڪري اسان پوئتي پيل آهيون.

هن وقت اسان جي شاگرد ۽ دانشور طبقي جي ڪجهہ حصي ۾ واقعي قومي بيداري ۽ سياسي شعور پيدا ٿيو آهي. پر اسان جا اهي ڪارڪن پنهن جي طبقي جي رهيل ماڻهن جي ذهن صاف ڪرڻ ۽ اخلاق جي درستي جي عيوض گهٽو توجهہ اڪثر وانگر پين تي ڏوه اڇلڻ طرف ڏٺي رهيا آهن.

آءٌ سمجهان ٿو تہ وقت آيو آهي تہ اهو طريقو بدلي پنهن جي درستي طرف توجهہ ڏيڻ گهرجي.

شاگرد ۽ دانشور اسان جي قومي تحريڪ جا روح روان آهن. مستقبل ۾ سنڌ جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ جو مدار هنن تي آهي ۽ ملڪي ذميوارين جو بار ۽ سندن ڪلهن تي پوڻ وارو آهي.

ان لاءِ مونکي معاف ڪندا جيڪڏهن مان ڪوڙيون حقيقتون اوهان جي سامهون پيش ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ طرف لکها پاهريان ماڻهو تعليم، پيسي، ذهني ۽ هنري صلاحيت وارا اڇي ملڪ تي تسلط جمائي ويٺا آهن. ٽ، ٻي طرف اوهان جي مٿاهين طبقي ۽ سياستدانن جيڪو ذهني صلاحيت ۽ سياسي اخلاق جو ڏيوالو ڏيکاريو آهي سو توهان جي اکين جي سامهون آهي.

هن وقت اوهان جو فرض اهو هڻڻ گهرجي ٽ، اعليٰ تعليم حاصل ڪريو. ذهني صلاحيت پيدا ڪريو. پاڻ مان معاشري جو بهترين گروه پيدا ڪريو.

ليڪن چا ٿو ڏسان ٿ، تعليم حاصل ڪرڻ وارن جو گهڻو تعداد آرٽس ۽ لاڪاليجن ۾ پريو پيو آهي جنهن وسيلي نه ايتريون نوڪريون ملي سگهنديون، نه وڪالت پيشي مان نفعو حاصل ٿيندو. سائنس، انجنيري، ميڊيڪل ڪاليجن ۾ جيڪي شاگرد داخل ٿين ٿا تن بابت ٻڌي رهيو آهيان ٽ، سال جو گهڻو حصو گهڻ ڦرڻ ۾ گذارين ٿا آخر جا مهينو ٻ، پڙهي امتحان ۾ ڪامياب نه ٿين جي خوف ڪان ڪاپي ڪري امتحان پاس ڪرڻ گهرن ٿا.

اهي شاگرد پاهران آيل صالح ماڻهن سان ڪهڙو مقابلو ڪري سگهندا جي ممتحنن کي پستول ڏيکاري چرن جا دڙڪا ڏيئي ڪاپي ڪري امتحان پاس ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪن ٿا يا مارڪن جي گهٽتائي جي حالت ۾ بک هڙتالون يا اسٽرائيڪ ڪن ٿا.

خدا جو شڪر ڪريو جو مهاجرن ۽ پاهران آيل ماڻهن جو ڪثير تعداد اڃان انڪار وطن جي بنياد تي قومي نظريه ۾ وڌاءُ رکيو ويٺو آهي. سنڌ کي وطن سمجهي ان جي مفاد کي بيروني مفاد تي ترجيح ڏيڻ نه سکيو آهي. نه اڃا سنڌي زبان ۽ ڪلچر کي قبول ڪيو آهي.

ڏچو ان ڏينهن کان جڏهن اهي ماڻهو پاڻ کي سنڌي قوم جو جزو سمجهي، سنڌ کي وطن تسليم ڪري سنڌي زبان ۽ ڪلچر کي پنهن جو ڪري ويندا. پوءِ اوهان وٽ مقابلي لاءِ ڪا شيءِ نه رهندي.

خدا سائين قرآن ۾ فرمائي ٿو ته:

ان الارض لله يرثها من يشاء من عباده

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني زمين خدا جي ملڪيت آهي، انجو وارث پنهن جي بندن سان انهن کي ڪندو جن کي گهرندو. پي جاءِ تي ائين ب. فرمايل آهي ته خدا جا پسنديده صالح بندا ئي ٿي سگهن ٿا.

دنيا ۾ ڪيئي قومون عاد، ثمود وغيره آيون. صالح نه هئڻ ڪري صفحه هستي تان مٽجي ويون. قدرت کي پنهن جي طرفدار نه آهي. اوهان ب جي صلاحيت پيدا نه ڪندا ته اوهان کي نئي مقابلي ۾ ڪوب بچائي نه سگهندو. ذهني صلاحيت ۽ اخلاقي درستي زندگيءَ جي مقابلي ۾ ڪارآمد شيون آهن.

سنڌ سان وابستگي، زبان سان محبت، قديم روايات ۽ ڪلچر سان دلچسپي اوهان جا مشعل راهه هئڻ گهرجن.

سنڌ کي اتحاد انساني، امن عالم، ترقي نوع انسان لاءِ پيغام آهي، اوهان کي ان پيغام جو مشنري ٿي ڪم ڪرڻو آهي.

مونکي معلوم ٿيو آهي ته شاگردن سان کي حڪومت جا پوئلگ ۽ کي مخالف آهن. اها ڪالهه ٺيڪ نه آهي. اوهان کي پنهنجو وقت پڙهڻ ۽ صحيح معاملي فهمي جي معلومات لاءِ صرف ڪرڻو آهي.

توهان کي هن وقت نه وزير بنجڻو آهي نه انهن جو دوالي بند ٿيڻو آهي، حڪومت ۾ ڪير هجن يا نه هجن ان سان اوهان جو واسطو نه هئڻ گهرجي.

گاهٔ رفت خر آمد مرا ازين چه سود

ميرصاحب گورنر ٿيو ته چا، جي نڪتو ته ڪهڙي وڏي ڪالهه ٿي. هو نه عوام خاطر حڪومت ۾ داخل ٿيو هو نه اسلام واسطي نڪتو آهي. اوهان کي سنڌ جي مسئلن سان واسطو رکڻ گهرجي. آل پاڪستان جا مسئلا انهن کي نيپهه هجن، جن کي اقتدار جي ٻک هجي.

موجوده حڪومت خلاف متحده محاذ جو بنياد شخصي ۽ فروعي اختلافن تي نهيو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. نظريه پاڪستان، اسلامي آئين ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مضبوط مرڪز بابت مخالف محاذ جي اڪثر ميمبرن ۽ حڪومت جي پاليسي ۾ اختلاف ڪونہ آهي.

اسان موجوده حڪومت جي ڪيترن ڪارنامن مان راضي نہ آهيون پر نہ ته، مسلم ليگ، جميعت ۽ جماعت اسلامي جي ڳڏيل چون چون جي مربي مان ڪا اميد رکي نٿا سگهون. جيڪڏهن موجوده حڪومت جا ليڈر سڻي صحبت، نيڪ صلاحڪار رکي، اخلاق درست ڪري انتقامي ڪاروائين کان گوشو ڪن تہ گهٽو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. پر اهو سندن ڪم آهي. بهتر ائين آهي تہ اسان پين کي مشوره ڏيڻ يا ڏوهہ مڙهڻ عيوض پاڻ کي درست ڪرڻ ۽ اخلاق سڌارڻ طرف توجهہ ڏيون.

اسان کي هاڻ نيگيٽو (منفي) ڳالهين ڪرڻ بدران پازيٽو (مثبت) ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن اسان ملڪ جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ گهرون ٿا تہ پاڻ کي ان ڪم لاءِ تيار ڪرڻو ٿيندو.

۱- انڪري عام ماڻهن وٽ وڃي جلسن ۾ تقريرون ڪرڻ عيوض شاگردن ۽ دانشورن کي پاڻ ۾ ملي مختلف مسئلن تي بحث مباحثا ڪري پنهنجي برادري جا ذهن صاف ڪرڻ گهرجن.

۲- ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کي ذهني عبادتگاهون سمجهي انهن کي سياسي سازشن جا مرڪز نہ بنائڻ گهرجي.

۳- سنڌي شاگردن کي ملڪ جي تعمير ۾ حصي وٺڻ لاءِ پوري طرح پڙهي مقابلي ۾ امتحان پاس ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻ گهرجي.

۴- ڪاليجن ۽ يونيورسٽين اندر سرڪاري عهديدارن ۽ مخالف ليڈرن کي شاگردن سان سياسي ڳالهيون نہ ڪرڻ گهرجن.

۵- شاگردن کي سموري وقت پنهنجي پڙهڻ ۾ مشغول رهڻ گهرجي، سواءِ انهن شاگردن جي، جن کي آئيندہ هلي ملڪ جي قسمت بدلائڻ لاءِ مڪي بهرو وٺڻ جي خواهش آهي پر انهن کي بہ چٽي جي وقت ۾ اهي ڪم ڪرڻ گهرجن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۶- مون کي پهڻي تعجب لڳو آهي ته اڪثر ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا سنڌي شاگرد پوري طرح انگريزي ۾ ڪالهائي نٿا سگهن، ۸۰ سيڪڙو شاگرد ڪتابن پڙهڻ جي عيوض ڪوچرن ۾ وقت گذاري امتحان ڪان اڳ سال جو گهٽو پاڻ گهمندا وتن ٿا.

۷- مونکي هي هڏي ۾ تعجب ٿئي ٿو ته ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ اسڪولن ۾ حڪومتي ڪارندن جي سفارشن تي استادن رکڻ ڪري تعليمي معيار گهٽبو وڃي.

۸- شاگردن کي معمولي ڪالهين تان ڪلاسن جو بائيڪاٽ يا ٻڪ هڙتالون بند ڪرڻ گهرجن، اهڙي طرح سندن مجموعي قوت جي اثر کي گهٽو نقصان پهچي ٿو.

۹- سرڪار کي سيني ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ملٽري ٽريننگ ڪمپلسري ڪرڻ گهرجي، جي سرڪار ان طرف توجهه نه ڏي ته ادارن جي منتظمين طرفان اهڙو انتظام ٿيڻ گهرجي.

۱۰- شاگردن ۽ دانشورن کي حڪومت کي عرض ڪرڻ يا ان جي مخالفت ڪرڻ جي عيوض ملڪي حقن جي حفاظت ۽ حصول لاءِ منظم ٿيڻ گهرجي.

ڪجهه ڪالهيون آءٌ حڪومت وقت جي ڏيان تي آڻڻ ۾ گهران ٿو اميد ته هو غور ڏئي ٻڌندا.

۱- هر جمهوري ملڪ ۾ مذهب، سياسي نظريه ۽ عقائد جي علاحده رکڻ ۽ پرچار ڪرڻ جي اجازت ٿئي ٿي، ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو مذهب بدلائي ٿو ته ان تي به اعتراض ڪونه ڪيو وڃي ٿو، ليڪن هتي پاڪستان ۾ گهٽي وقت کان وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي قوميتن جي نظريه رکڻ ۽ انجي اظهار ۽ سيڪيولر طريقي حڪومت جي عقيده رکڻ وارن خلاف حڪومتن طرفان بندش وڌي وڃي ٿي. اهي طريقا هاڻ بند ڪرڻ گهرجن ورنه اهي تحريڪون پردي پٺيان وڃي خوفناڪ نتيجن جو باعث ٿينديون.

۲- شاهوڪارن، زميندارن خلاف گفتگو ڪرڻ تي اعتراض

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ڪيو وڃي پر برسراقتدار پارٽين خلاف گفتگو ڪرڻ وارن تي انتقامي ڪارروايون ڪرڻ جو دستور بند ٿيڻ گهرجي ٻي صورت ۾ جمهوريت بحال ٿي نه سگهندي.

۳- جهڙي طرح پاڪستان جي بقا ۽ تحفظ لاءِ گفتگو ڪرڻ جي اجازت آهي اهڙي طرح سنڌ، بلوچستان وغيره جهڙن جي قومي تحفظ، سياسي آزاديء، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ جي ٻ اجازت هڻڻ گهرجي، مستقل مفاد طرفان صوبن جي مفاد لاءِ گفتگو ڪي غداراڻ تحريڪ يا خلاف پاڪستان تحريڪ جا بهتان رکي دٻائڻ جو دستور بند ٿيڻ گهرجي.

۴- جهڙي طرح جمهوريت جي بقا لاءِ اڪثريت جي راءِ کي اهميت ڏني وڃي ٿي. اهڙي طرح شخصي آزادي، لساني قوميتن جي بحالي کي ٻ اهم سمجهڻ گهرجي.

۵- صدر پٽي کي سندس پارٽيءَ کي وڌائڻ عيوض جنهن ۾ طرح طرح جا خوشامدڙيا گڏ ٿي ويا آهن. پارٽيءَ ۾ سلجهيل صلاحڪارن، صحيح ڪارڪنن ۽ بااخلاق ماڻهن جي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

۶- صدر صاحب وقت بوقت نظريه پاڪستان، اسلامي حڪومت ۽ مضبوط مرڪز جي هام هڻي ٿو. جيڪڏهن واقعي اٿين آهي ته نيپ، مسلم ليگ، جماعت اسلامي، جميعت علماءِ جي مخالفت نه ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته انهن کان وڌيڪ مذڪوره بالا نظرين جو حامي ڪيس مشڪل ملندو.

هاڻ چند الفاظ مخالف محاذ جي خدمت ۾ به عرض ڪندس.

اوهان مان اڪثر گروه نظريه پاڪستان، اسلامي حڪومت ۽ مضبوط مرڪز جي هام هڻندڙ آهن. جيڪڏهن واقعي اٿين آهي ته صدر پاڪستان پٽي جي مخالفت ڇڏي ڏيو چاڪاڻ ته ان کان وڌيڪ مذڪوره بالا مقاصد جو حامي مشڪل ملندو.

(الف) جناح صاحب سنڌ سان پهرين آٿين ساز اسيمبلي جي تقرير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀ نظريہ پاڪستان کي ختم ڪيو هو ليڪن پٽي صاحب نظريہ پاڪستان سان وفاداريءَ جو حلف کنيو آهي.

(ب) هن صاحب باوجود غيرفرقيوارانہ جماعت جي ليڊر هڻڻ جي آئين کي اسلامي بنائڻ جو وعدو ڪيو آهي.

(ت) هي صاحب مرڪزي حڪومت کي مضبوط بنائڻ جي سفلي تي اوهان جو ساٿي آهي.

(ٹ) هي صاحب پيپلس پارٽيءَ جي اڪثريت بنگلا ديش جي تسليم ڪرڻ جي فائدي ۾ هڻڻ جي باوجود اوهان مان جماعت اسلامي ۽ مسلم ليگ وغيره جماعتن جي رضامندي خاطر اڃا بنگلا ديش کي تسليم نٿو ڪري.

(ح) مخالف پارٽيءَ وارڻ، اوهان جيڪڏهن پاڪستان کي موجوده صورت ۾ بچائڻ گهرو ٿا تہ هن جي حڪومت سان تعاون ڪريو. چاڪاڻ تہ هي پاڪستان جي بچائڻ جي آخري اميد آهو.

(ج) هر ذي فهم ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تہ باوجود مذڪوره بالا گهالهين جي ۽ اوهان هن جي مخالفت ڪريو ٿا، سا ڪن ڪيئن اصولي گهالهين تي مبني نہ آهي بلڪ اقتدار جي حصول يا فروعي گهالهين سبب آهي. تنهنڪري اوهان کي دوباره پنهنجي روش تي غور ڪرڻ گهرجي تہ پنهنجي مقصدن جي حمايت ڪريو ٿا يا مورڳو ان کي نقصان پهچائي رهيا آهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي شام جـي موقعي تـي
محترم جي- ايم- سيد جي ڪيل تقرير

٣١ مـارچ ١٩٧٣ع

عزيز دوستو:-

اوهان سان شام ملهائڻ ياقوتي ڪائڻ جي برابر آهي. هڙن وقتن تي ضروري ٿئي ٿو ته ڪجهه ٻڌجي ۽ ڪجهه ٻڌائجي. مون اوهان کي ٣ مارچ تي آگاه ڪيو هو، تہ سگهو ٿي وقت اچـڻ وارو آهي جڏهين اوهان تي وڏين جوابدارين جو بار پوي. تنهن لاءِ اوهان کي تيار ٿيڻو آهي. صرف صالح ۽ لائق ماڻهو ان امتحان مـان ڪامياب ٿي نڪرن ٿا. جيل ۾ وڃڻ ۽ لٽيون جهلڻ سولو ڪم آهي. پر جوابداري جو بـار سنڀالڻ اوکو آهي. ان ڪم جـي سرانجامي لاءِ اوهان کي مخلص ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪرڻو پوندو. جي سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي، مسئلن کي پـوريءَ طرح سمجهي سگهن ۽ سندن ذهن صاف ٿيڻ بعد هم خيال ڪارڪنن جو تعداد وڌائين.

اوهان کي هيٺين مسئلن تي غور فڪر بعد صحيح نتيجن تي پهچڻو آهي:

(١) قومي نظرئي:-

جي مختلف تصورن جي معلومات حاصل ڪرڻ بعد هڪ نظريي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گي قبول ڪرڻو آهي. آڳ غور فڪر ۽ تجربي بعد اُن نتيجي تي پهتو آهيان، تہ سنڌ جا رهاڪو زبان، ڪلچر، تواريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي جدا قوم آهن، ۽ قومن جي حق خودارادي جي آدار تي سندن سياسي، اقتصادي ۽ ڪلچرل آزادي، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ پاڻ فيصلا ڪرڻ جا حقدار آهن.

(۲) سنڌو ديش:-

برصغير پاڪ هند ۾ هزارن ورهين کان جدا گانہ تاريخي ملڪ رهيو آهي ۽ دنيا جي ٻين ملڪن وانگر ڪيس پنهنجي مستقبل جي فيصلي ڪرڻ جو هرڪو حق آهي.

(۳) سنڌ جي زبان:-

زمانہ قديم کان سنڌي زبان رهي آهي. اها پاڪستان ۾ سڀ کان زياده جهوني ۽ شاهوڪار زبان آهي. ان ڪري ملڪ جي سرڪاري ۽ قومي زبان ٿيڻ جو ان کي هرڪو حق آهي.

(۴) ملڪي آئين سازي:-

جي مسئلي کي سمجهڻ لاءِ پهرين ان ڳالهہ جو فيصلو ڪرڻو پوندو، تہ آئين هڪ قوم جي بنياد تي ٺاهيو وڃي ٿو يا ڇڻن قومن جي بنياد تي- پهرين نظريہ مطابق سنڌي اقليت ۾ ٿي ٻين اڪثريت وارن صوبن جي ڪثرت راءِ جا محتاج ٿيندا. ٻئي مطابق کوبہ آئين سنڌين جي رضامندي کان سواءِ ٺهي نہ سگهندو.

(۱) هڪ قومي نظريہ جي آدار تي اڪثريت وارو صوبہ سندس تعداد پيسي ملڻري ۽ سول سروس جي آدار تي سنڌ تي حاوي رهندو. جنهن ڪري هو سنڌ جي پيسي ۽ سنڌ تي مسلط رهندو.

(۲) ان نظريہ جي آدار تي سنڌ جي ڪمائي، ٽيڪس، زمين، ڪارخانہ ۽ نوڪرين تي ٻين ملڪن جو استحصال رهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳) ان نظريه جي آذار تي هتان ڀيلا ڪمائي ماڻهو ۽ ڪڍي ويندا.

(۴) ان نظريه جي آذار تي نظريه پاڪستان، اسلامي آئين، مضبوط مرڪز جي چنبي مان نڪري نه سگهنداسون.

(۵) ان نظريه جي آذار تي هاءڊرئين مٿاسڻا، واپار، بئنڪن، ريلوي، پوسٽ، ريڊيو، ٽيليويزن ٽيليگراف، ڪاٽين، اقتصادي ادارن تي مرڪزي حڪومت جو قبضو رهندو.

(۶) ان نظريه جي آذار تي دفاع، خارجه معاملات ۽ ڪرنسي ڪان سواءِ ٻين ڪاتن تي به مرڪز کي اختيار رهندا.

(۷) ان نظريه جي آذار تي مرڪزي اسيمبلي ۾ سنڌين کي آبادي جي لحاظ تي نمائندگي ملندي.

(۸) ان نظريه جي آذار تي مرڪزي حڪومت جي نوڪرين ۾ سنڌين کي هن وقت وانگر صرف هڪ سيڪڙو نوڪريون ملنديون.

(۹) ان نظريه جي آذار تي سول سروس مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ رهڻ ڪري صوبائي خودمختياري اجائي ٿي پوندي.

(۱۰) ان نظريه جي آذار تي ملڪ جي قومي زبان غير ملڪي زبان اردو ٿيندي.

(۱۱) ان نظريه جي آذار تي ملڪ ۾ مذهب ۽ سياست گڏيا رهندا.

(۱۲) ان نظريه جي آذار تي ڀر وارن ملڪن سان مخاصمت جي پاليسي جاري رهندي.

(۱۳) ان نظريه جي آذار تي ٻين صوبن جي ماڻهن کي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرڻ جي چوٽ هوندي.

(۱۴) ان نظريه جي آذار تي سوشلزم پوري طرح رائج ٿي نه سگهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۵) سنڌي ڪلچر :-

سنڌين کي گذريل ڇهن هزارن ورهن جي تاريخ آهي جنهن جي بنياد تي هن پنهنجو قومي ڪردار ۽ ڪلچر ٺاهيو آهي. اهي اسان جا قومي ورثا آهن انهن کي وساري نه-ون آيل ماڻهن جي ڪلچر ۾ سمائجي وڃڻ اسان لاءِ پاڻ وسارڻ جي برابر ٿيندو.

(۶) ساڻواجي مفاد جو استحصال :-

اسان کي ان ڳالهه بابت به ذهن صاف ڪرڻا آهن، ته اهي ڪهڙا مستقبل مفاد آهن جي اسان جو استحصال ڪن ٿا. ٿوري غور بعد پتو پوندو ته مهاجر پنجابي مستقل مفاد اسان جي سياسي آزادي سلب ڪريو وينا آهن. اسان جي اقتصاديات تي قابض آهن اسان جي ڪلچر تي غلبہ ڪري ويا آهن، ان جي سدباب لاءِ ويچار ڪرڻو اٿو.

(۷) قوم پرستي چاکي ڇڙجي ٿو:-

متي ڇئي آيو آهيان ته اسان سنڌين جي جداگانہ قوم ۾ مجون ٿا، ۽ ڏسڻو آهي ته سنڌي قوم پرستيءَ جا بنيادي متا ڪهڙا آهن ؟ منهنجي نظر ۾ اهي هيٺيان ٽي سگهن ٿا :

(الف) سنڌ جي جدا ملڪ هڻ ۾ ويساهه رکڻ.

(ب) پاڪستان هڪ ملڪ نه بلڪ ڇڻ جدا ملڪن جو مجموعو آهي ۾ اعتماد رکڻ.

(ت) سنڌي، وطن، زبان، ڪلچر، تواريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي جدا قوم آهن.

(ث) سنڌي جدا قوم جي حيثيت ۾ پنهنجي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ جو حق رکن ٿا.

(ح) سنڌي قوم پرستيءَ جي راه ۾ رڪاوٽون - نظريہ پاڪستان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلامي نظام حڪومت ، مضبوط مرڪزي پاڪستان جا بنيادي مفاد آهن .

(۸) سيڪيولر نظام حڪومت :-

ساري دنيا ۾ حڪومتي نظام سيڪيولر بنيادن تي ٻڌل آهن ، پر هتي پاڪستان ۾ هڪ سامراجي مستقل مفاد عوام جو توجه ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ اسلامي نظام حڪومت جو راڳ گهائي رهيو آهي . ان جو مقصد عقل جي عيوض مذهب جي نالي ۾ ملا جي اثارتي هيٺ حڪومت هلائڻ آهي ، جي اڪثر سرمائيدار ۽ حاڪم جا ايجنٽ ٿي ڪم ڪن ٿا .

(۹) صحيح جمهوريت چا آهي :-

صحيح جمهوريت ۾ هيٺين ڳالهين جو هٽڻ ضروري آهي :

(الف) ان ۾ هڪ قوم جو ٻي قوم تي سندس اڪثريت - قابليت ، تشدد ، پيسي ۽ ذهن جي آڌار تي تسلط قائم نه رهي .

(ب) جنهن ۾ هڪ گروه يا طبقو ٻئي گروه يا طبقي جو اقتصادي استحصال نه ڪري سگهي ۽ ملڪ جي جملي ماڻهن کي هڪ جهڙا موقعا ۽ حق حاصل هجن .

(ٽ) جنهن ۾ شاهوڪار ڪارخانيدار ، ملا ۽ پير کي سياست ملڪ ۾ دست اندازي ڪرڻ تي بندش هجي .

(۱۰) سوشلزم چا آهي :-

ان جو مقصد ملڪ جي جملي پيداوار جي ذريعن ، ورهاست ۽ پيسي تي عوامي حڪومت جو تسلط هٽڻ آهي ، جا ان کي ماڻهن جي مجموعي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندي . ان ۾ شخصي ۽ طبقاتي استحصال جا رستا محدود ڪيل هوندا آهن . ان جو بنياد حقائق ڏهر ۽ عقل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بنياد تي ٿئي ٿو. مذهب ۽ شخصي ۽ طبقاتي مفاد کي تحفظ ڏنو وڃي ٿو، جنهن ڪري سوشلسٽ معاشري جي حصول ۾ رڪاوٽ پوي ٿي. اسلامي سوشلزم ٿيندو ئي ڪونہ آهي.

(۱۱) اسلامي آئين ۽ اسلامي نظام حڪومت:-

ملڪ جو آئين معاشره جي حالتن مطابق بنايو وڃي ٿو. ساڳي طرح نظام حڪومت به حقائق ملڪ جي آڏار تي هلايو وڃي ٿو. تنهنڪري اسلامي آئين يا نظام حڪومت ٿيندا ئي ڪونہ آهن. جيڪي اهڙي گفتگو ڪن ٿا، سي يا دوکيباز يا بيوقوف آهن.

(۱۲) سنڌوديش جي معنيٰ ڇا آهي:-

سنڌوديش جي معنيٰ سنڌوطاس جي موجوده سنڌ ملڪ واري ايراضي آهي. ان ملڪ هزارن ورهين کان پنهنجي علحده حيثيت قائم رکي آهي. سنڌ ۽ سنڌوديش ۾ تفاوت اهو آهي، ته سنڌ ۾ ساري انڊس ويلي وارو ملڪ اچي وڃي ٿو، پر سنڌوديش ۾ صرف موجود سنڌ جي ايراضي آهي. جيئن بنگال جي معنيٰ ايرندو ۽ الهندو بنگال آهي ۽ بنگلا ديش جي معنيٰ صرف ايرندي بينگال وارو آزاد ملڪ آهي.

سنڌوديش جي ناليو وٺڻ سان اسان جو مقصد ان خطي زمين جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقي ٿئي ٿو، جا هن وقت صوبہ سنڌ تي مشتمل آهي.

(۱۳) سنڌي قوم جي تڪميل:-

اها حقيقت آهي ته سنڌ جا رهاڪو علحده قوم سڏائڻ لاءِ حقدار آهن. پر ان ڳالهہ کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي ته هڪ فعال باغيرت ۽ يڪ جهت قوم بنجڻ لاءِ جنهن قومي عصبيت جي ضرورت ٿئي ٿي، اها اڃان پيدا ڪري نہ سگهيا آهيون. ان جي راه ۾ جي رڪاوٽون آهن، تن جي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملان، پير، وڏيرو، غلام صفت سنڌي ڪلاس جي اڪثريت ان ۾ رکاوٽون آهن.

(۱۴) پاڪستان ۽ سنڌ:-

سنڌ پاڪستان کانسواءِ رهي سگهي ٿي، پر پاڪستان سنڌ کانسواءِ قائم رهڻ مشڪل آهي. پاڪستان جي قيام جو مدار حڪمران طبقي جي سنڌ سان برتاءُ تي آهي. جيڪڏهن هتن سنڌن موجوده ذهنيت ۾ تبديلي آڻي سنڌ ۽ سنڌين جي وجود کي تسليم نه ڪيو ۽ انهن کي سندن واجبي حق نه ڏنا، تہ دنيا جي ڪا به طاقت پاڪستان کي قائم رکي نه سگهندي.

(۱۵) پاڪستان جون سياسي پارٽيون:-

پاڪستان ۾ موجوده سياسي پارٽيون سواءِ جيئي سنڌ ۽ خدائي خدمتگار جي سڀ آل پاڪستان جماعتون آهن. اهي بنيادي طرح نظريہ پاڪستان جي بنياد تي بنيل آهن. جنهن ۾ سنڌ ۽ ٻين صوبن جي جداگانہ حيثيت جو انڪار ڪيل آهي. انهن ۾ سنڌي قوم پرست جو داخل ٿيڻ سنڌ جي موت جي وارنٽ تي صحيح ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

(۱۶) حڪومتن جي پاليسي:-

سنڌين کي هر حڪومت جي پاليسي پرکڻ لاءِ کين ڪسوٽيون مقرر ڪري ان مطابق فيصلو ڪرڻو پوندو. منهنجي نظر ۾ هيٺيون ڪالهيون آهن، جن جي آڌار تي اوهان حڪومتن جي پاليسي بابت راءِ ظاهر ڪري سگهو ٿا:

۱- نظريہ پاڪستان ۾ اعتماد رکندڙ حڪومت سنڌين کي ڪڏهين به فائدو پهچائي نه سگهندي.

۲- مضبوط مرڪز ۾ اعتماد رکندڙ حڪومت سنڌ جي دشمن ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴- اسلامي آئين يا اسلامي نظام حڪومت ۾ مڃيندڙ حڪومت سندڙ لاءِ نقصانڪار ٿيندي.

۵- اصولن تي هڻي بجاءِ اقتدار جي قيام کي ترجيح ڏيندڙ حاڪم سندڙ جا خيرخواه ٿي نٿا سگهن.

۵- سندين جي جداگانه قوم ۽ سندوديش کان انڪار ڪندڙ حڪومت سندڙ دشمن شمار ڪري سگهجي ٿي.

(۱۷) سندين لاءِ مفيد خارجہ پاليسي :-

هاڻي ملڪن سان آمريڪا اسرائيل تان هار جهڪو ڪرائڻ خاطر پاڪستان کي پارت سان وڙهائڻ گهري ٿوا هو سندس هٿيارن جي نيڪال لاءِ جنگجوياڻ پاليسي جو حامي آهي. روس جي دشمني خاطر پاڪستان تي مهاجر پنجابي تسلط قائم رکڻ جو حامي آهي. چين ايشيا ۾ پنهنجي تسلط قائم رکڻ خاطر ۽ ايشيا جي طاقت کي ايشيا ۾ ڪمزور ڪرڻ لاءِ پارت دشمني اختيار ڪئي آهي. انهيءَ ڪري هو امريڪا جي پوئلڳي ۾ هلي ٿو. تنهن ڪري سندين لاءِ ڪنهن به حڪومت جي انهن سان دوستي نقصانڪار ثابت ٿيندي. پارت، روس، افغانستان، ايران ۽ عرب ملڪن سان دوستي سندڙ جي مفاد ۾ آهي.

(۱۸) پٽن اسلامزم :-

هي نظريو فرسوده ۽ بيڪار ٿي چڪو آهي. آئينده مختلف ملڪن سان تعلقات سيڪيولر بنيادن تي ڪرڻ گهرجن. انهي نظريي ۾ اعتماد رکڻ سان اڄ سڏيءَ طرح سندين کي سامراجي سازشن ۾ ڦاسائڻ برابر ٿيندو.

(۱۹) سياسي اخلاق :-

سياست ۾ جهڙي طرح مڪيه اصول مقرر ڪرڻ ضروري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح انهن اصولن تي عمل ڪرڻ ۾ لاڙي آهي- هي ڳالهه ياد رکڻ جي لائق آهي ، تہ جي ماڻهو شخصي اخلاق برقرار رکي نٿا سگهن ، انهن کان اصولي اخلاق جي اميد رکڻ ڀيرن کان پير گهرڻ جي برابر آهي . ابن‌الوقتي ۽ ڦرٽي پاليسي عارضي طرح ڪن شخصن کي وقتي فائدو ڏئي سگهي ٿي، ليڪن قومن ۽ ملڪن جي ديرپا مفاد لاءِ نقصانڪار ٿيندي .

(۲۰) ذهني قابليت ۽ صلاحيت:-

ڪي هم افراد يا گروه يا قومون حڪومت هلائڻ جون اهل ٿي نہ سگهنديون، جيڪڏهن انهن ۾ ذهني صلاحيت پيدا نہ ٿي آهي . انهي کانسواءِ حاصل ڪيل اقتدار پاڻي جي ڦوٽي برابر آهي. جو هوا جي جهٽڪي سان ختم ٿي سگهي ٿو . تنهن ڪري جيڪڏهن اوهان زمين جا وارث ٿيڻ گهرو ٿا تہ سياسي اخلاق ۽ ذهني صلاحيت جا حامل ٿيو.

(۲۱) سياستدانن جا قسم:-

سياستدان ٻن قسمن جا ٿين ٿا:

هڪڙا **پرٽيڪل پالٽيشن** سياست عملي جا پوئلڳ جي عارضي ڪاميابي يا اقتدار جي حصول لاءِ اصولن کي قربان ڪن ٿا. ٻيا **آئيڊيلسٽ** سياستدان، جي ملڪ ۽ قوم جي مجموعي نفعي لاءِ کي اصول مقرر ڪريو ان مطابق هلن ٿا ۽ ٻين کي ان تي هلڻ جي ترغيب ڏين ٿا انهن وٽ عارضي ڪاميابي يا اصولن کي قربان ڪرڻ بعد اقتدار جو قيام بي‌معني شيون آهن .

اهي ۽ ٻيا اهڙا سوال آهن جن بابت اوهان کي ذهن صاف ڪرڻا پوندا. بجاءِ ان جي جو اوهان باهر نڪري حڪومت جي‌پاليسي يا ڪن پارٽين جي فائدي يا مخالفت لا ڪم ڪريو، بهتر اٿين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ شاگرد برادري جي ذهن صاف ڪرڻ لاءِ سندن تعليم ۽ ترغيب لاءِ وقت صرف ڪريو.

اوهان کي دعوت ڏجي ٿي تہ ۱۲ شاگردن جا گروپ هفتي ڪن لاءِ موڪل وقت ملڪي مسئلن، سياسي نظرين ۽ اخلاقي گالهين جي وچ ۾ تميز حاصل ڪرڻ لاءِ سون وٺ سن ۽ رهي ڪجهري ڪري تربيت حاصل ڪري سگهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متان روهه رتيون ٽئين

سپيئر ڏر سائنس ڪاليج خيرپورميرس ۾ ۲۰ اپريل ۱۹۷۳ع تي محترم جي- ايم- سيد جي ڪيل تقرير

عزيز دوستو!

اسلام عليڪم- آءٌ اوهان جو نهايت شڪرگذار آهيان جو هيڏي پنڌ تان مون کي گهرائي مرحبا ڪئي اٿو. مون وٽ ان جي عيوض سواءِ چند جملن جي پيو ڪجهه نه آهي، جنهن سان اوهان جي شڪرگذاري ڪري سگهان.

عزيزو- آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان مون سان محبت ان ڪري ڪريو ٿا جو مون کي سنڌ ۽ سنڌين سان محبت آهي.

ان ڳالهه کي مدنظر رکندي اوهان کي عرض ڪندس ته اوهان جيڪڏهن واقعي سنڌ ۽ سنڌين جي خدمت ڪرڻ گهرو ٿا ته ان لاءِ ٽن ڳالهين جي سڃاڻپ نهايت ضروري اٿو.

(۱) سنڌو ديس ڇا آهي؟

(۲) سنڌي قوم جون وصفون ۽ فرائض ڪهڙا آهن.

اوهان ضرور اها توقع رکندا هوندا ته انهن سوالن جي حل ڪرڻ ۾ آءٌ پنهنجي سمجهه آهر توهان جي مدد ڪريان. هاڻ پڌو ته ان بابت منهنجو رايو ڪهڙو آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌو ديش (۱) فطرت جي ٻاوار (۲) قديم ۽ (۳) لازوال ملڪ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو ديس جي فطري پيدائش

ڪرهِ ارض تي برصغير هند ۾ سنڌو ديس هڪ مستقل جاگرافيائي خطو جي حيثيت رکي ٿو. ان جو وجود قدرت جي پيداوار آهي، ان جون روايتون تاريخي آهن، سنڌو درياهه ان جي جسم جي شريان آهي، عربي سمنڊ ان جو پاسبان آهي، ان جا ٻيلا، ڏنڊون، جبل، پٽون، ميدان طبعي ارتقا ڪري وجود ۾ آيل آهن. سندس زمين زرخيز، ماڻهو سڀاجهوڙا ۽ محبتي آهن، مخالفن لاءِ قهري تلوار ۽ دوستن لاءِ ٺڏو ڪهڙو آهن.

اشداء علي الكفار رحماء بينهم

جو زنده مثال آهن. هتي جا رهاڪو، هتي جي زبان هتي جو ڪلچر، قومي ڪردار، زرعي ۽ معدني پيداوار هزارن ورهين جي قدرتي ارتقا جي پيداوار آهن. هر شيءِ جا فطرت جي پيداوار آهي سا اسلام جي قانون مطابق ٺهيل سمجهڻ گهرجي. هتي جا تهذيب ۽ تمدن ماڻهن جي ضرورتن ۽ زماني جي حالتن موجب قانون ارتقا مطابق هر وقت نون نياپن ذريعي تازا ۽ نوبنو بنبا آيا آهن.

سنڌين جي ذهني ساخت جذبو آزادي، جمهوريت، رواداري ۽ مساوات جي خمير سان ٺهيل آهي. ان کي پي ڪنهن ڌارين رهبري يا هدايت جي ضرورت نه آهي. هو ڪنهن جا غلام ٿي رهڻ لاءِ تيار نه آهن، پوءِ اها غلامي مٿن مذهب جي نالي ۾ ڇو نه مڙهي وڃي يا پاڪستان ۽ مسلم قوم جي دلبي ۾ مسلط ڪئي وڃي.

'ايءَ نه مارن ريت جيئن سيڻ مٽائين سون تي'.

ڪيترن ئي حملا آورن تلوار جي زور تي مٿن تسلط قائم ڪري اچي راج ڪيو آهي. ايراني، يوناني، عرب، پٺاڻ، مغل ۽ انگريز فاتح ٿي آيا ليڪن اهي سڀ هليا ويا. سنڌ، سندس زبان ۽ ڪلچر سميت اڄا تائين موجود آهي. هي سڀ جي ٻڌي آهي جنهن حوادث زماني جا گهٽا لوڏا ڪاڏا آهن پر ٻڌي نه آهي. هن وقت سندس مٽان پيشڪ نامناسب هوائون ۽ ڪارا ڪڪر چانيل آهن. پاڪستان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئين، ان جي ترقيءَ ۽ آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بنيل آهي، ۽ سنڌو جو روح ڪيس بيڪاري رهيو آهي:

'آڏو ٽڪر تر متان روهه رتيون ٽمين'.

سنڌو ديس جي قدامت

سنڌ جي قدامت جو پنجن هزار سالن کان تاريخي ثبوت ملي ٿو. ان کي ڀهرين دراويدين، پوءِ آرين بعد ۾ سامين ۽ منگول نسلن آباد ڪري تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز بنايو. آمريءَ جو ڏڙو، ڪوٽ ڏيجي ڏڙو، موهن جو ڏڙو وغيره ان جي شهادت ڏين ٿا. سنڌو درياهه تان ملڪ تي نالو سنڌو پيو. ان جي زبان سنڌي آهي، جا دراويدي، آريا، سامي ۽ منگول زبانن جي ملاوٽ سان ٺهيل آهي. سنڌي زبان جي قدامت جا ثبوت ٻن هزار سالن کان ملي سگهيا آهن. موهن جي ڏڙي جي رسم‌الخط جي تشخيص کان پوءِ ممڪن آهي اڃان ۾ زياده ان جي قدامت جو سراغ ملي وڃي.

هتي دنيا جا مختلف مذهب ۽ فلسفا پاڻ ۾ ملي مفيد مرڪب بنيا آهن.

سنڌ دنيا لاءِ محبت ۽ امن جو پيغام ۾ آهي. سنڌ حب‌الوطني وٽان قرباني، مهمان نوازي رواداري، ۽ غيرت جي صفات جو مخزن آهي. سندس مٽي اسان لاءِ خاڪ شفا آهي. سندس پاڻي آب ڪوثر آهي. ان جي هر شيءِ باعث رحمت آهي. پيغمبر خدا کي سر زمين سنڌ کان ٺڏي هير لڳي هئي، ان کڙي ان جون دعائون مٽس وسن پيٽون. سنڌ جا دوست اسان جا دوست آهن ۽ ان جا دشمن اسان لاءِ ڌاريان آهن.

سنڌ جي دائميت:

انساني ساخت جون شيون عارضي ٿين ٿيون ۽ پر قدرت جون پيدا ڪيل چيزون دائمي ۽ پائدار ٿين ٿيون. پاڪستان ۲۵ وڻهين جي پيداوار آهي. ان جي مقابلي ۾ سنڌ هزارها سالن جي فطري ارتقا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ماحصل آهي، سنڌ پاڪستان کان اڳ ۾ هڪ ۽ يڪ ۾ رهي سگهي ٿي، ان جي وجود کي پارسي، يونانيءَ، عرب، مغل، انگريز سامراج ختم نه ڪري سگهيا. هاڻ جڏهن سامراجي يا انهن جا ايجنٽ ڪيترو ئي انهي جي تباهيءَ لاءِ ڪوشش ڪن تہ ۾ هميءَ سلامت رهڻي آهي.

سنڌي قوم جون وصفون ۽ فرائض

سنڌ جا رهاڪو جديد نظريي قوم مطابق وطن، زبان، ڪلچر، ٽواريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي جدا قوم آهن. ليڪن بدقسمتي اها آهي تہ اسان جي خامين ڪري هو محڪوم، مسڪين ۽ پست حالت ۾ رهجي ويا آهن.

سنڌي محڪوم ڪيئن آهن؟

(۱) هزارها سال آزاد ۽ خود مختيار قوم رهڻ جي باوجود هن وقت اسان کي هڪ خود ساخته اقليت ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

(۲) اسان جي ملڪ مان وصول ٿيندڙ سالانا ڏهه سو ڪروڙ روپين جي ٽيڪسن کي اسان کان ڪنهي اڪثريت جي حوالي ڪري ان جي پوري فائدي کان محروم ڪيو ويو آهي.

(۳) سنڌ ۾ ٻين ملڪن کان منصوبي جي ماتحت ماڻهو آڻائي انهن کي آباد ڪري، اسان جي اڪثريت کي تبديل ڪرڻ جي منظم سازش ٿي رهي آهي، اسان جي ماڻهن کي محروم رکي باهران ايندڙن کي نوڪرين، ڪارخانا، واپار، بئنڪن، زمين جو سهولتون ميسر ڪري ڏنيون وڃن ٿيون.

(۴) اسان جي باهرين متاسٹا، بئنڪن، ريلوي، پوسٹ ۽ ٽيليگراف، ريڊيو ۽ ٽيليويزن، ڪاٽين، اقتصادي ادارن تي مرڪزي حڪومت کي قابض ڪيو ويو آهي جنهن ۾ باوجود اسان جي صدر ۽ ٻن وزيرن هڻڻ جي اسان کي هڪ سيڪڙو به نمائندگي نصيب نه ٿي آهي.

(۵) اسان جي ٻن هزار سالن جي قديم ۽ شاهوڪار زبان متان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ نوڙائيده ۽ گهٽ معيار جي غير ملڪي زبان کي مسلط ڪيو ويو آهي.

(٦) اسان کي پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ قوميت جي آزادانه پرچار ۽ رنڊڪون وڌيون وڃن ٿيون.

(٧) سنڌ مان هندن جي لڏي وڃڻ بعد انهن جي زمين، واپار، ڪارخانا، اسڪولن ۽ جاين تي جنهن جا جائز وارث سنڌي هئا، ڏارين کي آڻي مسلط ڪيو ويو آهي ۽ سنڌين کان انهن جا قبضا ڇڏايا ويا آهن.

سنڌي مسڪين ڪيئن آهن؟

(١) سنڌ ۾ سرڪاري نوڪرين، ڪارخانن، واپار، بئنڪن، اقتصادي ادارن اندر حڪومتن جي پاليسي مطابق باهرين جي مسلط ٿيڻ ڪري لکها سنڌي بي روزگار رهن ٿا.

(٢) لکها سنڌي خانه بدوش ۽ ڪچين جهوپڙين ۾ رهندڙ آهن انهن لاءِ حڪومتن طرفان ڪجهه نه ڪيو ويو آهي ليڪن باهران آيل ماڻهن کي شهر ۽ جايون اڏائي آباد ڪرايو ويو آهي.

(٣) حڪومت جي ملڪيه نوڪرين ۾ عهدن تي غير سنڌين کي ترجيح ڏيئ ڪري سنڌي مالي طرح غريب ۽ سياسي طرح محڪوم رهيل آهن، لکها سنڌي بي زمين رهيا پيا آهن.

(٥) سنڌ مان وصول ٿيندڙ ساڍا ٽي سو ڪروڙ روپين جي ٽئڪس کي مرڪز جي حوالي ڪرڻ ڪري سنڌي انهي جي فائدي کان محروم ٿيڻ ڪري غريب رهن ٿا.

(٦) ڪروڙها روپيا باهران ماڻهو سنڌ مان ڪمائي هر ماهه سنڌ کان باهر موڪلي سنڌي معيشت کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

(٧) مرڪزي نوڪرين ۾ سنڌين کي هڪ سيڪڙو نوڪرين نصيب نه ٿيون ٿين، باوجود ان جي جو مرڪزي خزانه جا ٨٠ سيڪڙو ٽيڪس سنڌ مان وصول ٿين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي پست پيل آهن، چو ته: باوجود هن حقيقت جي ته سنڌي جديد نظريه قوميت مطابق جداگانه قوم آهن هو محڪوم، مسڪين ۽ پست پيل آهن، ان ڪالهه کان انڪا ڪري نٿو سگهجي.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسندا ته ان جا ڪارڻ هيٺيان آهن:

(۱) ماڻهن ۾ قومي شعور پيدا نه ٿيو آهي.

(۲) مٿاهين طبقي جي خود مطلبي ۽ ظلم.

(۳) عوام جي وهم پرستي.

(۴) باهمي اختلاف ۽ انتشار.

(۵) بزدلي.

باوجود انهن سڀني غيبن جي دروپشن جي دعائن سان خداوند تعالي سنڌين تي مهربان آهي. اها سندس مهرباني آهي جو سنڌ جا ۽ سنڌي وزير پاڪستان سرڪار ۾ مکيه عهدن تي فائز آهن اها سندس مهرباني آهي جو ون يونٽ ٽٽي ويئي آهي ۽ سنڌ جي حڪومت سنڌي وزير اعليٰ جي هٿ ۾ آهي.

انهن مهربانين جي هوندي ۽ اسان جي نااهلي ڪري سنڌ جي مصيبتن ۾ گهٽتائي ڪانه آئي آهي. ان جا سڀ معلوم ڪندا ته پري ناهن،

(۱) اوهان کي معلوم آهي ته سنڌي وزيرن سنڌ اسيمبليءَ ۾ جهڙو تهڙو سنڌي زبان بابت بل پيش ڪري پاس ڪرايو، ليڪن باهرين ماڻهن ۽ اخبارن اها هائي گهوڙا ڇڏي جو ساڳين وزيرن ۽ صدر جي سنڌي هٽاءُ لاچار ٿي گادي ويائن جي خوف کان بل کي بدلائي چڏيو. سنڌي ميمبرن ۽ سنڌي عوام ان لاءِ ڪجهه نه ڪيو.

(۲) اوهان کي معلوم آهي ته سنڌي ميمبرن ذاتي ويرو ونڊ، سندن پوزيشن مضبوط ڪرڻ ۽ ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ کان سواءِ کوبه ملڪ ۽ عوام جي پلائي جو ڪم نه ڪيو آهي، ته ۽ عام ماڻهو مختلف سببن ڪري هنن کي چونڊيندا اچن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳) اوهان کي اهو پتو آهي ته سڀئي اخبارون ڏارين ڀڄي هٽ تي هٽ ڪري عام راءِ کي موڙي سگهن ٿيون، تنهن ڪري خود سنڌي سياستدان ۽ انهن کان ڊڄن ٿا.

(۴) اوهان کي معلوم آهي ته جڏهن کهڙي صاحب ڪراچي مرڪز جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ جناح هن کي ڊسمس ڪيو ۽ پيا وزير نامزد ڪيا ته ساڳيا سنڌي ميمبر وڃي نون وزيرن سان مليا.

(۵) اوهان کي معلوم آهي ته جڏهن عبدالستار پيرزادي ون يونٽ ناهڻ کان انڪار ڪيو ۽ مرڪزي سرڪار ان جي وزارت کي ڊسمس ڪري کهڙي کي وزير اعليٰ نامزد ڪيو ته سڀ سنڌي ميمبر وڃي، هن سان مليا، نه رڳو ايترو پر ون يونٽ ناهڻ لاءِ ووٽ ڏنائون.

(۶) اوهان کي اهو معلوم هوندو ته جن ميمبرن ون يونٽ ناهڻ لاءِ ووٽ ڏنو هو، انهن جي اڪثريت کي عام ماڻهن ووٽ ڏئي وري چونڊيو آهي.

اهڙين حالتن هيٺ اسان جي سنڌي صدر ۽ وزيرن کي کهڙو لاچار ٻيو آهي جو پنهنجي گهاڙي خطري ۾ وڃهي سنڌين جي حقن لاءِ لڙن.

نتيجو اهو نڪتو آهي جو مرڪزي حڪومت جو صدر سنڌي ۽ سنڌ جو وزيراعليٰ سنڌي هڻ جي باوجود پاڪستان جي آئين ۽ سنڌ کي نقصان پهچايو ويو آهي.

ريڊئي ۽ ٽيليويزن تان سنڌين کي ٻورو وقت نٿو ملي. سنڌ ۾ زمينون، جايون، ڪارخانا، نوڪريون غير سنڌين جي حوالي آهن.

قديم سنڌي زبان مٽان غير ملڪي زبان مسلط ٿيو ويئي آهي. سنڌي نوڪرين لاءِ ڏکا ڪائيندا وٽن ۽ غير وطني هر ملڪ عهدي تي حاوي آهن. انهي سڀني خامين لاءِ جوابدار اسان پاڻ آهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اسين سچا ڪ هجون ها تہ چو اسان جا سياستدان ۽ عهديدار ڏارين جي پاليسي مطابق هلن ها.

جيڪڏهن اوهان واقعي چاهيو ٿا تہ سنڌ کي سياسي آزادي، اقتصادي، خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقي نصيب ٿئي، تہ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي واعدو ڪريو تہ:

(۱) اوهان خود مطلبي ڇڏي سنڌي قوم پوستي ۽ جي رڳ رڳ ۾ رڳجڻ ۽ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيو.

(۲) اوهان باهمي اختلاف ڇڏي سنڌي اتحاد لاءِ ڪوشش ڪندا.

(۳) ڏارين جي خوف ۽ خطره کان نہ ڊجي سنڌوديس ۽ سنڌي قوم جي زنده باد جو نعرو هڻندا رهندا.

(۴) شخصي پوئلڳي کان قومي مفاد جي سوالن کي ترجيح ڏينداء.

(۵) سنڌ، سنڌي قوم، سنڌي بوليءَ ۽ ڪلچرل آزادي، خوشحاليءَ ۽ تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ کان پوئتي نہ هوندا.

اڻ طرح عزم ڪرڻ بعد اوهان جو صدر، اوهان جا وزير، اوهان جا ميمبر ڏارين کي رضامند ڪرڻ کان باز اچي ويندا، نہ تہ ڏارين جي اشاري تي نوڙ ۾ سنڌيءَ جي موچڑو ۽ سنڌيءَ جو هوندو.

هن وقت هيءَ حالت آهي جو ڏارين جي هڪ ڏڙڪي سان سنڌي بولي جي بل ۾ ترميم ڪري اردو کي سنڌي سان گڏ سرڪاري زبان بنايو ويو آهي ۽ پارهن سال اردو دان ڪامورن کي سنڌ ۾ رهڻ جي باوجود سنڌي سکڻ معاف ڪيو ويو آهي.

۲- پي ڏڙڪي سان سنڌي گورنر ڪڍي غير سنڌي گورنر سنڌ تي نامزد ڪيو ويو آهي.

۳- ٽين ڏڙڪي سنڌين کي پاڪستاني آئين ۾ ۲۱ سيڪڙو اقليت بنائي انهن جا ۳۵۰ ڪروڙ ٽيڪس جا پئسا اڪثريت جي حوالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هڪ غير ملڪي اردو ڪي زبان ۽ا مقبوليت جي ملڪ جي قومي زبان ۽ائي ويڻي آهي.

۴- جوڻين ڏڙڪي سان بنگال سان ۲۶ هزارها ٻهارين ڪي آڻائي سنڌ ۾ مقيم ڪرائي آبادي جي توازن ڪي نقصان پهچائڻ جو امڪان آهي.

۵- پنڇين ڏڙڪي سان ڪراچي ڪي جدا صوبو ڪري ڏڻي سنڌ جي سسي ڪڻ جو خطرو آهي.

فاعتبروا يا اولي الابصار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ جاڻو ته اُهو بِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙهو، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** به مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي ته **پَنَ** جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي ٻِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڈي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** ياران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته پلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو ڪو به لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڈجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِڻ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڑهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن کري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻتن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻَ ڏيڻ ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو ته "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (کي جو ٻيجل ٻوليو)